# ڪاري ڪڪر هيٺ

## سُر ڪيڏارو

استاد بخاري

سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد سنڌ
1991ع

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: اشفاق احمد ٽالپر

وائيس آف سنڌ اي بڪ پبلشر

www.voiceofsindh.net | voiceofsindh12@yahoo.com

Contact: 0332-3895458

ڪاري ڪڪر هيٺ، مون جهيڙيندي ڇڏيا،
ڪارا ڪُند هٿن ۾، اڙل وڇيرا هيٺ،
ٿي تنين سين ڏيٺ، موٽڻ جنين ميهڻون.
(لطيف)

# سنڌي شهيدن جي نانءَ جي جُڳ جُڳ زنده رهندا.

استاد بخاري

# ٻه اکر

سنڌي ساهت گهر طرفان سنڌ جي نامياري شاعر استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جو ٻيو مجموعو آهي. جنهن ۾ هُن ”سر ڪيڏارو“ سِرجيو آهي. سنڌ جي ماضي ۽ حال جون حالتون اهڙيون ته ڀيانڪ ۽ خوفناڪ رهيون آهن ۽ اَجان آهن جو انهن سمورين حالتن تي هزارين ڪيڏارا لکي سگهجن ٿا.

ڪيڏارو ڪهڙو، ڪيڏو ڳايان قاسما!
جو ڪرڙيءَ جهڙو نقشو ساريءَ سنڌ جو.

استاد بخاريءَ جو هيءُ ڪيڏارو، سنڌ جي ماضي ۽ حال جو سنگم آهي. جنهن ۾ سنڌين جي سموري هلچل، جدوجهد، ويڙهين ۽ چوٽين جو ذڪر آهي، سنڌين سان تاريخ جي جنهن جنهن دور ۾ هيستائين جيڪي ڪربلائون پيش آيون آهن. هيءُ ڪيڏارو انهن سمورين ڪربلائن جو داستان آهي ۽ هيءُ ڪيڏارو انهن ڪربلائن جو نه رڳو ماتم آهي، ڏک ۽ ارمان آهي پر سموريءَ ماضيءَ واري جدوجهد ڪي حال جي چوٽن سان ملائي پورو ’جنگ نامو‘ تحرير ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ اسانکي ٻڌايو ويو آهي ته سمورين ويڙهين ۽ ڪربلائن جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو آهي. حق ۽ ناحق، نيڪيءَ ۽ بديءَ جي وچ ۾ هلندڙ اسان جي ويڙهه آدجڳاد ڪان هلندي پئي اچي ۽ آخري فتح تائين اُها جاري رهڻي آهي.

پٽائي سائين، ڪاري ڪڪر هيٺ جيڪي اسان جا جنگ جهيڙيندي ڏنا هئا ۽ جيڪي ميدان مان موٽڻ پاڻ لاءِ مهٽو سمجهندا هئا، اُهي سورما اڄ ٻه ڪارا ڪُند هٽن ۾ ڪٽيو ميدان ملهايو بيٺا آهن ۽ بخاري چوي پيو:

”ڪوٽا اوهان جا خواب، ساپيان منهنجا سورما!“.

۽ بخاري ان جنگ مان نڪرندڙ نتيجن ڪان پُر اميد آهي ۽ چوي ٿو:

”هي جي ظالم ’بخاري‘ هاٽي، مهينن جا مهمان“

۽ هو خوشخبري ٻُڌائيندي چوي ٿو

”آزادي استاد آ، اڄڻ لئي آتي“
”آزادي پئي تي ڪري، روحن ۾ رُون رُون“

سنڌيءَ ۾ هن ڪان اڳ ٻه ڪي ڪيڏارا آيل آهن. پر هيءُ ڪيڏارو سنڌ جو مڪمل ’جنگ نامو‘ آهي. جنهن ۾ ميدان جنگ ۾ وڙهندي مارجندڙن، راهن ويندي ڳولين جو ٻُڪ ٻنجندڙن ڪانسواءِ، هر ان مظلوم جو ذڪر آهي جيڪو ڪنهن نه ڪنهن طرح ظلم ۽ ناحق جي ور چڙهي ويو. حساس دل شاعر اهڙي هر ستم تي نه رڳو رُنو آهي پر سنڌ جي تاريخ جا ڪيترائي ڪردار پيش ڪري، اڄ جي سنڌ ۽ سنڌين ڪي آئينده سگهارا ڪردار پيدا ڪرڻ لاءِ همٿايو پڻ آهي.

11 مارچ 1991ع ناز سنائي

# ٽي ٽنين سين ڏيٺ . . .

استاد بخاري

جهڙيءَ طرح ـــ

زندگي ڪيڏي نه مِٺي، سهڻي، وڻندڙ سينگار ۽ پيار ڪندڙ آهي، تنهن هوندي به ٽڪراءَ، چڪتاڻ، جهيڙي، جنگ سان هن جو انگ انگ سلهاڙيو پيو آهي.

اهڙيءَ طرح ـــ

شاعري به حسن، عشق جا نغما ڳائيندي، امن، انصاف جا پيغام پهچائيندي، گڏوگڏ جنگناما ۽ ڪيڏارا به پيش ڪندي رهي آهي.

شاعريءَ جي شرناءِ عيدگاهه توڙي ماتمي ميدانن تي پئي وڳي آهي.

شاعريءَ ۾ ـــ

زندگي، موت ـــ جيت، هار ـــ خوشي، غم وانگر نينهن جا نظارا ۽ جنگ جا نغارا ڪٺي هلندا رهن ٿا. جيستائين وچي ڪي ”جينيٽڪ انجنيئرنگ“ ذريعي، اهڙا نوان نسل پيدا ڪجن، جي سڀ جو سڀ صلح، سلامتيءَ جا نمائندا بنجي پون. ۽ هيءُ جڳ، اڌ نرڳ مان سچو سرڳ بنجي پوي.

جنگ نامي جي مجيل قديم شاعر هومر لاءِ نقادن  لکيو آهي ته هن کي جنگ جو جنون ڪو نه هو پر خوبصورت هيلن جي حسن لاءِ هن جنگي شاعري ڪئي. ۽ ”اليئڊ“ لکيو فردوسيءَ کي وطن دوستيءَ ۽ ايراني قومپرستيءَ جي جذبي ”شاهنامي“ جهڙو شاهڪار لکايو ۽ هڪ هنڌ چئي ويٺو:

تغو بر تواي چرخ گردون تفو . . . .

ڪرشن پنهنجي پوڄاري گوپين جي وچ ۾ بين وڄائڻ وارو ڪلاڪار، مهاڀارت ۾ ڪورون سان جنگ جوٽڻ لاءِ ارجن کي مجائي، مجبور ڪري ٿو ته، ته تير هلائي، ڇو ته مسئلو نياءَ انياءَ جي مقابلي جو سمجهي ٿو. چوي ٿو:

”هي ارجن، يُڌ جي وچ ۾ اهو دک توکي ڪٿان آيو. اها نيچ ماڻهوءَ جي ٻُڌي آهي . . . . هي ارجن انهي نيچ ٻُڌيءَ کي تياڳ ڪر، اٿي يُڌ ڪر.“ قرآن شريف ۾ به جهاد جو ڪافي جاين تي بيان آهي.

فقير ڀاڳو ڀان، عظيم شاهه ڀٽائي، فقيهه قاسم کي به حق سچ لاءِ هڪلون ڪندو، ڀالا هڻندو ڏسي سگهجي ٿو.

هڻڻ، هڪلڻ، ڀيلي سارڻ، مانجهيان ايءُ مَرڪ،
وجهن تان نه فرق، رُڪ وهنديءَ راند ۾.

آءُ طبعي طور مالهي ـــ مزاج ماڻهو آهيان. حسين رنگن، لذيذ هڳساٽن، شيرين نغمن جو پياسي، پر باغ کي جو باهه لڳائي وئي آهي ته مان به ڀڙڪي پيو آهيان. حسن پرست، پيار پڄاري، امن علمبردار هوندي، جِيون ـ جياپي، امن، آجپي لاءِ جهونجهار بنجي پيو آهيان. سُر ڪلياڻ، سورٺ، ڪوهياري ڳائڻ وارو ڪلاڪار، ڪيڏاري ۾ ڪاهجي

پيو آهيان ـــــ خوشيءَ ڪان نه پر دل جليءَ ڪان ـــ من ـ مستيءَ ڪان نه پر قومي غيرت ۽ تاريخي ضرورت ڪان، گهوگهي اچڻ تي اکيون ڦوٽارڻ، ڏاڙي لڳڻ تي ڏاڙ ڏاڙ ڪرڻ واري مجبوريءَ ڪان.

تنگ آيد بجنگ آيد.

منهنجي خيال ۾ اها صورتحال رڳو منهنجي ذاتي تاريخ، جاگرافيءَ جي نه آهي پر سڄي سنڌي قوم سراسري طرح امن پسندي ۽ صلح، سلامتي جي ساٿوري پئي رهي آهي. تاريخي طور تي سنڌي قوم جي امن پسنديءَ جو چٽو ثبوت اِهو آهي جو موهن جي دڙي مان هنرمنديءَ جا اوزار، وندر ۽ راندين جو سامان، سهڻا فنپارا، سينگار جا ڳهڻا ته گهڻا لڌا آهن پر جنگي هٿيار تمام ٿورا مليا آهن.

تاريخ ۾ سنڌي راجا ۽ حاڪم هرويرو هلان ڪري، ڪنهن بئي ملڪ تي ڪاهيندڙ نه پر پنهنجي وطن جي بچاءَ ۾ وڙهندڙ نظر اچن ٿا.

هن دؤر ۾ به سنڌي ماڻهن، پاڪستان جي ڪنهن به صوبي کي پنهنجي ڪالوني بنائڻ جو سامراجي مظاهرو ڪونه ڪيو آهي. ان جي ابتڙ هن يونءِ کي ييلڻ ۽ هن جي رت، ست چوسڻ لاءِ چوڏاري چارا ٺاهيا ويا آهن.

پارتي صوبي بهار ڪان وٺي، ڪشمير، قنڌار، بولان تائين پاهرين پرماري يلغار لاءِ دروازا ڪليل رکيا ويا آهن ۽ ڪين هتي مچ تي مچي رهڻ لاءِ هر سهولت موجود آهي. چڻ ته هيءَ وادي ڪو وڏو شڪار گاهه آهي جنهن ۾ شڪاري تي اچڻ جي هر سامراجيءَ کي صلاح آهي ۽ اها دعوت ـــ شيراز هر دؤر ۾ خود پاڪ وطن جي پاسبانن پاران به جاري آهي.

اسان جا پنهنجا پيدا ڪيل نمائندا، هِتان جي حقن جا هٿ ـــ چوندِيا نگهبان ﺑﻪ پنهنجي ڪاٺ جي ڪرسين بچائڻ ڪارڻ پنهنجي قومي حقن کي قربان ڪيو بيٺا آهن.

جُه سي لوڙائو ٿيا، جني سندي ڏير،
مارو‌ئڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي.

هِن وقت هت هن ڌرتيءَ تي سرد چئو يا گرم، ڳجهي سمجهو يا پڌري، تاريخ جي وڏي ۾ وڏي جنگ لڙي پئي وڃي. وڏي ۾ وڏي ان ڪري جو هڪ شخص، هڪ ڪڙم، هڪ قبيلي، هڪ حاڪم، هڪ تخت ڏٽيءَ جي هار جيت جو مسئلو نه آهي، پر هڪ پوري قوم جي زندگي، موت جو مامرو آهي.

صدين کان قدرتي، تهذيبي، تاريخي طور هڪ مضبوط وجود ورتل، مُلڪان ملڪ مڃيل، پنهنجي ڌرتيءَ تي ڇميل سنڌي قوم کي ڏيري ڏيري اڪثريت مان اقليت ۾ تبديل ڪري، سندس قومي تشخص کي جسماني توڙي روحاني نموني تباهه ڪيو پيو وڃي. سنڌي قوم جي ثقافتي، اقتصادي، سماجي، سياسي آزاديءَ کي غلاميءَ جو گندي ۾ گندو ڦندو پارايو، سُرڪڻ ڦاهيءَ کي هوري هوري سرڪايو ٿو وڃي.

جڏهن هڪ سِرِ هڪ گهر تي ڌاڙو ﺑﻪ وڏي دهشت گردي آهي ته سڄي ڌرتيءَ تي ڌاڙن تي ڌاڙا، انهن لاءِ ڇا چئجي؟

ڪو ڪِيلي ڇيياڻي ته پاپي چئون ٿا،
ڪو قومون ئي ماري ته پو ڇا چئون؟
ڪو هڪ ٽار ڏاري ته ناحق سڏيون ٿا،
ڪو بيلا ئي ٻاري ته پو ڇا چئون؟

رڳو هڪڙو پارو تڪي ڪو تہ تاڪُو،
سڄو ملڪ جيڪي تڪن ٿا، اهي ڇا؟
فقط هڪڙو گهر ڪو لُٽي تو تہ ڌاڪو،
سڄي سنڌ جيڪي لُٽِن ٿا، اهي ڇا؟

اهو هيڏو سارو هاڃو، ذليل پرماري ذهنيت، عيار ميڪاولي ـــ رِٿ موجب پيو ٿئي. ڪجهہ آمراڻي اُرهہ زورائيءَ سان، ڪجهہ مطلبي مفاد پرست مذهبي نعري بازيءَ سان، باقي پاڪستاني قوميت جي بد نيت بهاني سان، هتان جي ڪمزور قومن کي ٺڳيو ۽ جڪڙيو تو وڃي.

وطن دوست دلين کي قيد ۾ ڪڙائي، اذيت ـ گهرن ۾ ڏنيائي ڇيچلائي، ٽڙپائي، ٽڙپائي نستو بنائين ٿا، وڏن وڏيرن، وڏن پيرن، وڏن ماڻهن کي پلاٽن، پرمٽن، ميمبرين، وزارتن تي خريد ڪري يا خطرناڪ ڪيسن ۾ ڦاسائي ڇڏ تہ اکين هوندي بہ انڌو، ڪنن هوندي ٻوڙو، زبان هوندي گونگو ڪري ٿا ڇڏن. عالمن، اديبن، شاعرن، دانشورن کي نوڪرين، گريڊن، وڏن عهدن، انعامن تي لالچائي يا ڏڙڪن، دهمانن، دهشت گردين سان ڏمڪائي باهہ جي گولي مان برف جو ڳنڊو بنايو ٿا ڇڏين.

وڏا وڏا ٽسينگ، ٽانگر ٽوپر، ٽيندا ٿا وڃن. ڪرو، ڪارونجهر ڪنڌ جهڪايو بيٺا آهن. قوم پرستيءَ جا عرش عظيم بہ اندر ۾ فرش وڇايا پيا آهن. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ رڳو وات وڏا اٿن باقي قومي سچائي ۽ سچيتائيءَ ۾ لال جا ڇوها بنبا ٿا وڃن.

سوچجي ٿو، يا تہ سنڌي قوم ۾ مجموعي طرح صلاحيت جو ايترو جوهر نہ رهيو آهي جو بقائي اصلح جي اصولن موجب قومي مهاڏي ۾ پاڻ ملهائي مڃائي پنهنجو قومي وجود بچائي سگهن، يا تہ سنڌي سرواڻن، قومي اڳواڻن ۾ ايتري سچي نيڪ نيتي،

حڪمت پري ـــ انقلابي مقناطيسي مٽيا ڪانهي جو هن وهميل، هيسيل، وڪريل قوم کي اُٿاري، اُڀاري، آزاد قومن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سگهن. موسيٰ ۽ مائوءَ جون دعوائون تہ گهڻن ڪيون. پر هن وقت تائين ڪو موسيٰ ڪو مائو ثابت ٿي نہ سگهيو. جهڙو ڪير تهڙو مکڻ يا جهڙي نيت تهڙي مراد.

هن وقت اڪثر اڳواڻ، مجبور سنڌي قوم جا نہ پر، پنهنجي مغرور انا ۽ بيجا مفاد جا اڳواڻ آهن. پنهنجي پر ۾ سڀ سير، نہ سوا مڻ نہ پر سئو مڻ لڳا پيا آهن. ڏاڍي ڪا هڏي واري هوڏ اٿن ۽ هڪٻئي سان جي هِنن خود غرض ضدين جا اهي حال آهن تہ شايد اڳتي هلي، اصلي سنڌي قوم جو تہ نہ، پر هن خطي جو يعني نئين سنڌ جو، نئين رُلل مظلوم عوام جو نجات دهندو ڪو ٻاهريون آباد ٿيل نئون سنڌي بندو ٿي سگهي ٿو. باقي هتان جي اصلوڪي وڏيرڪي، پِيرڪي، مِيرڪي، مخدومڪي قيادت مان جيڪو ٿيڻو هو سو سيني جي سامهون آهي.

يہ بازو ميري آزمائي هوئي هين.

يا تہ وري بين الاقوامي صورتحال اهڙو چڪر ڪائي، انقلاب پيدا ڪري، جو ايڪيهين صديءَ جي در تي بيٺل عدل، انصاف جي اميدوار انسان ذات، محبت ۽ مساوات واري زندگي گذارڻ جي قابل ٿئي ۽ غلاميءَ جي گهيري مان آزاد ٿي مانَ، مرتبي جو مقام حاصل ڪري سگهي. ۽ ان انقلاب جو ٻخرو ڪمزور قومن کي ملي وڃي.

اهو تڏهن ٿيندو جڏهن ”جيئو، جيئڻ ڏيو“ جو انساني اصول اُجاگر ٿئي ۽ جمهوري عوامي امنگن جو دستور عمل ۾ اچي. باقي ”جيڪو ڏاڍو سو گابو“. اهو ٿيو جهنگ جو قاعدو.

هٿيار بند ۽ هٿيار جٿان ڪٿان ڏوپار،
ڪلئشني ڪلچر جو دهمان، ڏاڪو ٻه ٽيپو سلطان،
زبان تي اخوان ــ اخوان، ڪڇ ۾ ڪرپان.

جيستائين هتان جي عوام لاءِ اهڙا ڪُڏا ۽ ڦهري حربا استعمال ٿيندا رهندا، تيستائين ڦريل ۽ ڦٻيل جا ٽڪراءَ ٻه ختم نه ٿيندا.

ڪنهن مجبور قوم کي خودمختياري سستي، سولي رڳو سوچيندي، سپنن لهندي نه ملندي. قومي مانَ مرتبو ٻانهن ٻڌندي، خيرات پنندي ڪو نه مِلندو.

سون، بازار مان ڳنهي وٺبو آ،
فيض، رهبر کان پِني وٺبو آ،
جو ٻه سمجهو ته اوهان جو حق آ،
حق، مڙسيءَ سان ڇني وٺبو آ.

ڪو ٻه ڪارو ديمه، ڳاڙهن ڳوڙهن وهائڻ سان رُڪجي نه ويندو. سامراجي ڏاڍ جا اڏا، گدڙن وارن ڪيڪڙاٽ ڪرڻ سان ڪِڇي نه ويندا، ٻاهريان ڏاريا ولرن جا ولر، ديوارن تي لکيل کوکلا نعرا ڏسي، واپس ڪو نه ورندا.

تاريخي جبر مان جان ڇڏائڻ لاءِ تاريخي جدوجهد گهرجي ۽ جيت تائين جنگ جوٽڻي پوندي. هزارين حيلا، ڪئين وسيلا هٿ ڪرڻا پوندا، پنهنجي ديس جي اسيمبلي ايوان کان وٺي اقوام متحده تائين، انساني ۽ قومي حق مڃائجن ته مُنهن مٿي ڪٽي سگهجي.

سچي سنڌي قوم ـــــــ

نندين ـــ وڏن، زالن ـــ مردن، چڳن ـــ مَٽن، اڳواڻن ـــ پوئلڳن ـــ ڪمين ـــ ڪاسبين ـــ هارين، نارين جا هوش، جوش، حوصلا ڪٿا ڪجن ته ڪاميابي يقيني ٿئي. قطرا ـــ ساگر، جهڙنڪا ـ طوفان، پڙڪا ـ ڀوئنچال ٿيندا تڏهن سُهڻي سوراج جا سامان پيدا ٿيندا.

سويون سوچون ٿيون گهرن!

سويون سَگهون ٿيون گهرن!

سويون سِريون ٿيون گهرن!

”ڪاري ڪڪر هيٺ“، صَدين کان سنڌي قوم کي مادرِ وطن ۽ قومي وجود لاءِ جهيڙيندي ڏٺو اٿم. هن ڪتاب ۾ سنڌي قوم جي آزادي واري اڌول جذبي تي لکيو اٿم. هي شاعري رنگين محفلن جو جنسار نه سهي، مجازي حسن، عشق جي امنگن جو اظهار نه سهي، پر سنڌي سپوتن، قومي ڪونڌرن جي ڪارنامن جو تاريخي دستاويز ضرور آهي. هي ڪتاب سُر ڪيڏارو ته آهي ئي اُن سان گڏ سنڌي سوڍن، ڳاڙهن گهوٽن جي لاشن تي مرثين جو مجموعو به سمجهڻ گهرجي.

اهڙا جهونجهار موضوع رڳو هن ڪتاب تي ختم نه ٿا ٿين پر منهنجي ٻين ايندڙ ڪتابن ۾ به دودا، دريا خان پنهنجي ديهن تي دنگندا ۽ جُوءِ لاءِ جنگندا ڏسي سگهبا. جيڪي اڪئين ڏٺا شاهد آهن ته عدل، انصاف، آزاديءَ لاءِ جنگ جاري آهي ۽ جاري رهندي.

جيئڻ جي جنگ جوٽي ٿئون، مخالف تي،

جي ملڪ الموت ايندو ته به مري ويندو،

اسان سنڌين کان آزادي کسڻ جي لئہ

خدام آمِر سان گڏ ايندو، وري ويندو.

## استاد بخاري

## غريب آباد ـــ دادو

# مهاڳ

استاد بخاريءَ سان منهنجي ذاتي واقفيت تمام مختصر آهي. گذريل سال ٻن ٽن ڀيرن دفعا ملي چڪا آهيون، باقي سندس شاعري گهڻي وقت کان وني پڙهندو ۽ ٻڌندو رهيو آهيان. ”هلال پاڪستان“ ۾ سندس چؤسٽا وقت بوقت ايندا رهندا هئا. اُهي پڙهي محسوس ڪندو هوس ته استاد جي شاعري جاندار ۽ با موقعي آهي.
ويجهڙائي ۾ سندس ڪتاب ”ڪوڪڻ يا ڪلياڻ“، ”لهر لهر دريا“ ”سوچون پُٽڪا، واڪا“ پڙهڻ جو موقعو مليو هو. اها هام نه هڻندس ته مون جيڪي ڪجهه پڙهيو آهي تنهنڪي پوريءَ ريت سمجهيو به آهي، چو ته استاد اجوڪي وقت ظلم ۽ ڏاڍ خلاف اُتساهيندڙ، انقلابي قسم جو شاعر ۽ نقاد آهي. سندس شاعريءَ ۾ جيڪا اسان جي سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ واري شڪل آهي، تنهن سان هو روزمره جي مسئلن کي تاريخ جي واقعن سان ڳنڍي هڪ ابدي حيثيت ڏيو ڇڏي.
”ڪاري ڪڪر هيٺ“، ڪتاب ۾ اُستاد بخاري، سُر ڪيڏاري جي حوالي سان اسانجي موجوده مئلن ۽ تاريخي واقعن جو جيڪو سلسلو ڳنڍيو آهي، تنهن مان سندس تاريخي ڄاڻ ۽ سنڌي زبان تي دسترس جو اندازو بخوبي لڳائي سگهجي ٿو.
1983ع واري عوامي جدوجهد جي سلسلي ۾ استاد سنڌ جي تاريخي حوالي سان ماڻهن سان جيڪي ظلم ٿيندا رهيا آهن ۽ جنهن نموني ۾ مختلف دورن ۾ سنڌي ماڻهن مقابلا ڪيا آهن، انهن جو شعرن ذريعي استاد جنهن نموني ذڪر ڪيو آهي، سي ڳالهيون اسان کي مجبور ڪن ٿيون ته سنڌ جا راٺا، ٻلوان، ويڙهو ۽ وِيرَ ياد ڪري، نئين ۽ ايندڙ نسلن کي قومي جدوجهد لاءِ جوش ۽ جذبو ڏيارجي.

راٺو، راڄ وزير، ڏوهي، پرڏيهين ڪيا،
ٻَڌائون ٻلوان سي، زوريءَ منجهه زنجير،
وڙهندا جيڪي وِير، جُڳ جُڳ سي جئيندا ڏٺا.

*

يوميءَ جايا ييم، تون ڀلي جُڳ جُڳ جيءُ،
هينئر هوڪو هيءُ، صبح سوايو سوچبين!

*

رات ڪاري، ڏينهن گهيرو ڪيو،
ڪُوڙ ڳڏجي سَچ تي حملو ڪيو،
هر زماني ۾ زمانو آ گواهه
ظالم آ مظلوم سان جهيڙو ڪيو.

1983ع جي واقعن جو ذڪر دادو، وارهه، مورو، نوابشاهه، نوشهروفيروز، خيرپور ميرس، خيرپور ناٿن شاهه، ميهڙ، قاضي احمد، قمبر، لاڪاڻ، راڌي پور، ڪنڌڪوٽ، وغيره تي بيت لکي، انهن شهرن ۽ ڳوٺن جي عوام جي جدوجهد کي تاريخ جو حصو بڻائي ڇڏيو اٿس.

ايڏي آنسوو گيس، دادو سارو ڏُونهن ٿيو،
لوهي ــ ٽوپيون، لانگ بوٽ، لُوهن لڪ لبيس،
ڏکن، ڏوڙن ڏُونڊڙا، دودا ڪارڻ ديس،
مُئي پوءِ نہ ميس، ماهر، سي مرڻا ڪٿي!
*
باهين جا طوفان، ماڻهوءَ ماڻهوءَ ڪي ٻڇي،
جلايون جانيون ڇڏن، ساڙايو سامان،
الاڙي انسان، ايڏو انڌو ڇو ٿيو؟
ويجهڙائي ۾ ابهم راجيش جي اغوا ڪندڙن هٿان قتل تي ڪيڏيءَ خوبصورتيءَ سان استاد راجيش جي ماءُ ۽ سنڌ جي عذاب کي گڏي پيش ڪيو آهي.
ڦهر ٿيو، ڪُوڪي پئي، تنهنجي سنڌو ماءُ،
گهرا گهاءُ هئس گهڻا، تُنهنجو جگري گهاءُ.
*
ڪُسن جو معصوم پُڇيو مون ڪان هن صدي،
ماڻهو جو مظلوم، ماڻهو جو ظالم بڻيا؟
موجوده دؤر جي ڌاڙيلن تي لکندي هن سنڌ جي عذاب ۽ پيڙا تي جنهن نموني روشني وڌي آهي، سا هيٺين بيتن مان ظاهر آهي.
سنڌي ڌاڙيلا، وحشي، دشمن ديس جا،
ڪاسائي ماڻهو ڪُهن جڻ ڇَني ۾ ڇيلا،
رهزن ڌاڙيلا، پونءِ جي پينگ ڪري ڇڏيئہ!
شاعر احمد خان آصف جي گهر ۾ ڌاڙي ۽ قتل تي استاد هيٺئن لکيو آهي:
شاعريءَ جي سيني ۾ گولي لڳي،
ذات ڦتجي پئي، لڄڻ ٻولي لڳي.
استاد بخاري فنڪارانہ نموني ۾ سنڌي عوام جي موجوده مسئلن تي لکيو آهي، ان ۾ ماتم ۽ ڏانهن جو اثر آهي، پر صرف روڄ راڙو ناهي. هن سنڌ جي اديبن، پورهيتن ۽ بهادرن کي جدوجهد، مقابلي ۽ همت سان مسئلن حل ڪرڻ لاءِ للڪاريو آهي.
هڪڙو اَملهہ دَمُ، اربن، کربن کان مٿي،
آزاديءَ جو جي پوي منهنجي ڪنڌ ۾ ڪم،
هي هڏو هي چم، سنڌوءَ تان صدقي ٿيا.
*
مرڻ ناهي ميٺو، موت يقيني يار،
مُڙڻ، موٽڻ، مار کائڻ، خواري ڪيتري!
*
رت جو ريج ڏئي جنهن جوڏَيَ،
سنڌ جو ست وڏايو
شادي آهي شهيد جي . . . .

استاد نہ صرف پلوڙ شاعر آهي پر پنهنجي شعرن کي تمام پلي سُر سان ڳائي بہ سگهي ٿو. ٻڌندڙ کيس سُر سان ڳائيندڙ ٻُڌي، پنهنجو پاڻ کي ان صورتحال ۾ محسوس ڪرڻ لڳندو آهي، جنهن صورتحال جو ذڪر استاد ڪندو آهي.
استاد بخاريءَ جو تاريخي مطالعو ۽ ڄاڻ قابل تعريف آهي، ۽ کيس ويجهڙائي ۾ ٿيل موجوده واقعن جو شاعريءَ سان لاڳاپو پيدا ڪرڻ ۾ ڪمال حاصل آهي. جتي اسانجي دؤر جا شاعر تشبيهہ ۽ استعاري جو سهارو وٺندي يا ڪنهن اسانجي تاريخي ڪردار جي تمثيل پُنيان مبهم نموني ۾ موجوده دؤر جي مئلن ڏانهن اشارو ڪندا آهن. اُتي استاد پير تي ڏؤنڪو هڻي، پراڻن تاريخي مقابلن جو حوالو ڏئي، سندين کي جدوجهد لاءِ للڪاريو ۽ اُڀاريو آهي. اسانجي تاريخي شڪست تي روڄ راڙو بہ ڪيو اٿس. اسانجي پاڙين ۽ غدار ڪردارن جو ذڪر بہ ڪيو اٿس تہ اسانجي سورهين ۽ بهادرن جو بيان بہ دل کولي ڪيو اٿس.

لوهو لوهو ٿي لڙيا، ڳيرو ڳاڙها ڙي،
لوهو لوهو ٿي لڙيا ............

سويو گيانچنداڻي
لاڙڪاڻو
3.8.1990

# جنهنجو نالو جنگ......

جنهنجو نالو جنگ، اُن جو انَگ اَنگ آڳ آ،
تنهن کان سيڪو تنگ، او شلَ، باهِ تباهُ ٿئي!

ॐ

جي تا ڪريون جنگ تہ بہ ٿيون سڀ تباهہ،
جي تا ڇڏيون جنگ تہ بہ، ڪُسون ريءَ گُناهہ،
آهين ڪِٿ الله، چو تون خير ڪرين نہ ٿو!

ॐ

ماڻهو لڙايون، ڪندا، لڙندا ٿا اچن،
تاريخون آيون، ڳالهيون ڳائينديون اُهي.

ॐ

هومر، ورجل، پِٽُ ڏٽي، فردوسيءَ ڳايو،
دوَرن دُهرايو، ڪيڏو جذبو جنگ جو.

ॐ

ॐ

مَنهن ۾ ماتام، عيدون ماريءَ محل ڏي،
ڪُوڪارون ڪُهرام، ڪُنا، ڳاڙها گهوٽ ڙي!

ॐ

ڦُريَنِ ۾ واڪا وَڏا، ڦوروءَ وٺ واڄا،
پٽن لوڙها، جهُوپڙا، چم چم ڪن چاچا،
رِهزن جي راڄا، راڄ مهاڄڻ ڇا ڪري!

ॐ

مسڪينن ماتم، عيدون اميرن ڳڌون،
عدل، امن ويا مري، بچيا ڪوڙاَ بَمَ،
غريبن ڪي غَمَ، خوشيون خاص ڪٽي ويا.

ॐ

سالگره ــ ورسي، آهي عشق اِمامَ جي،
هڪڙا ڪِنوٽيون ٿي ڪِنويان ٻيا بادلَ پيا ٻَرسي،
سَچ ڪئي سَرسي، ماٺهو مَڃ مَڇي ويا.

ڀَڳَتَ ويلي ڀائپي، ڀَنڊَ مهل ڀَئو،
ڪِنجهڻ ڀيڙو ڪو، نچڻ نيڙي ڪيترا.

تڪڙيون تياريون، مارُن ۾ ماتام جون،
ڀَتيون پنهوارن ٻَڌيون ڪنهن ڪارڻ ڪاريون،
ماتامين ماريون، اولانبيون انڌيرَ ڪي.

ٻَر ٻر ٻاڪارين، جويُون جهونجهارن جون،
آهُون اولانبيون ڪنيون، اوڏهن اولارِين،
ٻانهُن سان ٻارِين، واڪن سان وجِٽا هَٽِي.

ساڙيو ماٺ سَڙيون، ڪوڙَ مري ويون ماٺ ۾!
لايو ڏُمَ ڏَڙِيون، هوڪا، واڪا حق لَئي!

پوءِ پيا ڪڍجو پار، پهريان ڳُڻ ڳڻي ونو،
بهادريون، بيباڪيون ڪري ڪيرِ شمار،
حيلا، هوش هزار، ڪَنا هڪڙي ڪُونڊ ۾.

پوءِ پيا ڪڍجو پار، ڳالهيون ڳارايو اڳي،
ملهي موڪيو مرڪ ڪي مانجهي مٽيادار،
ههڙي جُوءِ جيار، جهڙا مڙس ڪٿان مِلن؟

سِچ سريکو سچ، ڪُهي، ڪچ ڪُسي ويو،
مَچ وَڏايو مچ، لکين مَچ مچي ويا.

سنڌي شيرَ ببر، گجن گولين وچ ۾،
چجن ڪين چِپر، وَسن مينهن رُهيون ڪري.

انڌا ڏُنڌ يزيد، جهيڙو جوٺيئي جوتِ سان،
تنهنجي پاپ پليد، تنهنجي پاڙ پٽي ڇڏي!

محرم ڪي ماتم ڪپي، ماتم ڪي محرم،
گڏجو گوندر، غم، پڌرا ٿي پِٽڪا ڪريون!

پهنوارن پٽڪو، پرمارن وَهَول وڏي،
ڪُنلن جو مِٽ ڪو، مُنلن ڏاران ڪير ٿئي.

دهشتي دَؤرن، پيليو دل جي پونءِ ڪي،
زوراور زورن، ڏيهَن ڪي ڏولي چڙهيو.

وايون

راڻا، راڻيون رَڪَ
لوڪ نہ ڪائي لڪَ، لڪين لالَ لُڙهي ويا.

سُجهندي جهڙا سهڻا،
پنپ بنايا بَڪَ لڪين لالَ لُڙهي ويا.

اجل بينو ٿهڪي،

جيوَن ماري جَڪَ، لڪين لالَ لُڙهي ويا.

آهيڙي جي هٿ ۾،
پيجرا توڙي پَڪَ، لڪين لالَ لُڙهي ويا.

منٺن ۾ پنجي پيا،
ڪيڏا سوگها ٻَڪَ، لڪين لالَ لُڙهي ويا.

جيون چاڙُ بخاري،
مَچن مٿان ڪَڪَ، لڪين لالَ لُڙهي ويا.

ॐ

ॐ

ماتم ريءَ مُنيون،
ماتم ريءَ مُنيون ڙي، مِمڻ ڪئين مچي!
گونگيون قومون ڪيتريون، قهري ڏاڍِ ڪُنيون،
قهري ڏاڍِ ڪُنيون ڙي. .
سوچو ڪُونهان، قَندرون، ائنون، پَٺ، اُنيون،
ائنون، پَٺ اُنيون ڙي. .
جيئريون ڪائو جوجڪيون، بنجو ڪين ٻُنيون.
بنجيو ڪئين ٻُنيون ڙي . .
ڏُکيون ويڙهيون ڏاڍَ جون، جهڙيون هَٿَ ـ ڏُنيون.
جهڙيون هَٿَ ـــ ڏُنيون ڙي . .
ههڙي روشن دَور ۾، جِيوَن سان جُنيون.
جيون سان جنيون ڙي . .

استاد اُتو انڌَ تي، پيڙي ڏندَ، مُنيون،
پيڙي ڏند مُنيون ڙي . .
مــمــڻ ڪـــئين مچي . .

ॐ

# ٽئنڪون ۽ بئنڪون

ٽئنڪون ۽ بئنڪون، جتي جابر تي پون،
باغين کي ٺيڪُون، ڪٺَڪَ اَٿل عام جون.

ॐ

نئونشا، تيز ترارَ، مُڪون، لَتون، مُترڪا،
لنيوُن، جاننا ڪارِ، دشمَنُ دَسجي دوُبَدو.

ॐ

بازُو بندوقون ڪريو، بولِيون سي گولِيون!
ٽولين جُون ٽولِيون، ڪڙڪِي ڪُوڙن تي پئو!

ॐ

رستن، چئونڪن، بازرن، پَٽن لاٿو رتُ،
هڪڙو همت، هوش سان ٻيو سَگهو سَٽُ،
سمجهو هاڻِ سُتت، سنڌو ٿيندو سُرخرو.

ॐ

ॐ

وڙهن شير، ڊوڙن چيتا، اُڏامن تہ عُقاب،
ڪوتا، اوهان خواب، ساڀيان منهنجا سورما!

ॐ

مَتا چوٽيون، ڇاتيون ڇپون، جُٽا جُنگ جَبل،
مٿان سوڀَ سوار ۽ اڳيان موتَ، اٽل،
ڪانئِر، سيهڙ ــ ڪل، شِينهَنِ سان سامهون نہ ٿِي!

ॐ

سِتم، سَر ــ ٻُوڙا، پٽبين پاڙَئُون، گهلبين!
ڇَوها واڇُوڙا، ماٺهو، ميڇريا ٽا اچِن.

ॐ

ڊوها، وڏو ڍير پر آهين تون پوپَر!
اُٿون ٽا اوتر، تون ٿي ڏوڙ اُڏامندين.

ॐ

بازو بندوقون، دهشت گرديءَ سامهون،
سينو صندوقون، ڪوليو يارن روبرو.

رڳون جن جون رُڪ، پٿر، بازو، بُڪَ،
انهن سان اٽڪي ڪيئي، چريا ڪيڏي چُڪَ،
هي ساگر، تون ٺُڪ، چَپَرَ، چيتِ ڪندي بہ چا؟

اَڄُ انڌارا، اَڄُ، ڪُل ئي ڪَڄ ڪَنا ڪري!
مون سان سچو مَڄُّ، ڏِسي ڏيهہ مقابلو.

تو آندا اونداهہَ، ميڙي سڀ مُلڪ جا،
مون آندا آڙاهہَ، ڏُونهان، باهِيون ڏُوبدو.

سانجهيءَ چمڪن چنڊ ٿي، صبح جرڪن سج،
ساماٽو سنڌوءَ منجهان ٻلوانن جو ٻجُ،
نعرا سچا نِجُ، هوڪا پڪا حق جاَ.

سيني مِنين ڪان مِني، جيڏا پنهنجي جند،
سڏيو امڙ سنڌ، وَيهڻ وهِه ڪڙو لڳي.

رتي ماڻهوءَ ماس، مهانگو الماس ڪان،
سُرهڻ سڀ فردوس جي سورهيہ هڪڙو ساسُ،
وطن جو وشواش، سَستي جند ڏيئي، ونو!

هڪڙو هڪڙو دمِ، امل، اربن ڪان مٿي،
آزاديءَ جو جي پوي مُنهنجي ڪنڌ ۾ ڪمِ،
هي هڏو، هي چَمُ، سنڌوءَ تان صدقي ٿيو.

پاپين ساڻ پندو، منهنجو پڄندو بَمُ ٿي،
جهُرڻ بعد جهندو، ڪجو منهنجي ڪنڌ ڪي.

ڪَڪر تنهنجا ڪنبَ، وڄون، چنبا قهر جا،
ڳائين، رڙيون رنبَ، ڳائين دودا ديس جا.

ٿَڪر جهڙي ڳِجهَہ، ڪڪر ڪنپ اُڏيو اچين،
ڪائين سورهيہِ سِجهَہ، سوڍا ڏرتيءَ سوجهرا.

ॐ

سِرٽيون، لامارا، ايڏهن ڏسجن اپ تي،
جَيڏهن ڏُڪيا سَڏَ تي جوڌا جهونجهار،
ڳايو ڪيڏارا، سوپارا سوڍا ٿين!

ॐ

هي جي هِينئن ڳجهون، وٽن تي ويهي وَيون،
وڏو ڄاَر وَجهون، جوڌا، ڄِند ڇُتي پوي.

# وايون

قاتل، رحم ڪرم جا،
جابر، جنم جنم جا،

ٿُوٿئي ظلمَ لعين،
تو تي تير تڪين . . . .
ماڻهو سڀي ملڪ جا.

هو جي دين يزيدي تنهنجو، مورئون ڪين مڃين.
توتي تير تڪين . . . .
هو جي ڪارن ڪڪرن هينان، بينا ڏنڌ ڏَڪين،
توتي تير تڪين . . . .

هو جي ڏاڍ ڏکائڻ وارا، پيا تا ڪات ڪُٽين،
توتي تير تڪين . . . .
هو جي اُپ اُڪارڻ وارا، چُمن پاڪ زمين،
توتي تير تڪين . . . .
هو جي حق سچ ساڻ بُخاري، ڪچ جي پاڙ پٽين،
توتي تير تڪين . . . .

ॐ

ॐ

اوندھ اڌ راتي، ڏينهن ڏٺي جو ڏيھ ۾،

هڪڙا ڦاٽا ٻيا اُٽيا،
يونءِ سندءِ ياتي، ڏينهن ڏٺي جو ڏيھ ۾،

جيجي تنهنجي جيءَ ۾،
ڪير وجهي جهاتي، ڏينهن ڏٺي جو ڏيھ ۾،

ٿي وي ڏٿي پئي ٿهڪڙا،
ڇِلجي پئي ڇاتي، ڏينهن ڏٺي جو ڏيھ ۾،

ٻيلي ٿيندي ٿي وجي،
ٻولي هيءَ ٻاتي، ڏينهن ڏٺي جو ڏيھ ۾،

آزادي استاد آ،
اچڻ لئي آتي، ڏينهن ڏٺي جو ڏيهه ۾،

۞

# چئو چوٿين تاريخ

چئو چوٿين تاريخَ، مارچ يا اپريل جي.
جڏهن جهجهڙ آگ ۾، سچ پچي ٿو سيخَ،
چئني پاسين چيخَ، چيخن مان چئانتيون ڦٽيون.

۞

ويهن وهن ڪان ڪَڙي، هڪڙي آهي هارَ،
موٽڻ مِهڻن ــ مارَ، مرڻ، جيئڻ ٿيو پوي.

۞

جاري هجن جارَ، ويريءَ سان ويڙهاند جا،
ٻولائي ٻيهار، چئجي، هِتِ پلاند ڏي!

۞

شهيدن جي جيت، جرڪي ريٽي رت جان،
ڳليون ڳائِن گيت، مُندون آکن مرثيا.

۞

سهسين سِسئين جي ملي هڪڙي سچي سوچ،
جي نہ ڳنهين سي ڳوچ پيٽنو پونءِ ڳِهي وڃي.

ॐ

ॐ

دودا، پهتو دوَر، هنر، حرفت، هوش جو،
تَنهنجو بازو زور، جنهنجو قبضو توب.

ॐ

هنر، حرفت، هوش جي هَڙئي هوندَ هجن،
همت ڌاران جڏ ۾ مڙئي مرد مُنجهن،
سويون سگهہ گهُرن، سَگهہَ ريءِ ناهي سوچ ڪا،

ॐ

ڀُڏو، ڏنو نيٺ، اڪئين جَم، جمشيد جو،
اتان ئي اڪ ٿيٺ، رکن ٿا ريڊار سان.

ॐ

ساڳيا ناهن سَمَ، مُندون متبيون ٿيون هلن.
پهتيون تيغ، ترار تي، توبون، ٽئنڪون، بم،
ايٽمي اسلحہ شعاع جنهن وٽ جهجها ٿم.
سي ڪن هَم نہ تم، آڳون اچلايو هٽن.

ॐ

ڪچا، پچو، سچ، پهچي ٿو ميدان ۾،
ماٺهو ماٺهو مچ، اُٿليو دريا آڳ جو.

ॐ

بانڪا وني بَڪّ، آزادي، پون ـ ماءَ ڪان،
جهوري هڪڙي لڪ، جوڙي قوم ڪروڙ ڪي.

🕉

وڙهندي چمي پير ۾ ڪرندي ڪنڌ چُمي،
غازي گهوٽ گهمي، ”صدقَي صدقي“ سنڌ ٿئي.

🕉

ٻاهر ڪائنر ڪڪ، ڏرتي ڏڪاريو ڪڍي،
ٻتا ٻِتا ٻَڪ، جهونجهارن ڪي جوُءِ جا.

🕉

ٻج نہ، جمي وچ، لڄي سنڌ سڄي نہ ڪر.
ڇا تو پيتي ٿج، سوڌا ناهي سنڌ جي!

🕉

ڇَوڻ ڪر وچ ۾ نہ ڪر وٿي وار،
يقينن ہ يار ”وڳڻ ـــ وڙهڻ“ پاڻ ۾.

🕉

# وايون

گهوڙا ڙي گهوڙا، ڏاڍو، ڏاڍ ڪيو وجي!
ڪينجهر ڪَنور چو ڪُسن پُڇن پابوڙا،
گهوڙا ڙي گهوڙا . . . . . . . . . .

پاپي تا سا رَت جا، ماڪيءَ ماڪوڙا،
گهوڙا ڙي گهوڙا . . . . . . . . . .

پينر دل جي پونءِ تيءِ دردن جا دؤڙا،
گهوڙا ڙي گهوڙا . . . . . . . . . .

جياپي جي جنگ ۾، متان ٿيو موڙا،
گهوڙا ڙي گهوڙا . . . . . . . . . .

استاد اچو ڏاڍَ جا، چرِڪايون چوڙا.

ॐ

ॐ

وي تو وڇوڙا،
او انڌا، ٻوڙا، چِني تو چورو ڪرين،
راڻيون رَنڙ تي پيون، گھوڙا ڙِي گھوڙا!
چِني تو چورو ڪرين.

ڏاڍا گھاوَ ڏهاڳَ جا، هانوَ: ڦِتا ــ ڦوڙا.
چِني تو چورو ڪرين.

جاني، جانيءَ کان جدا، ٻَچين تو جوڙا.
چِني تو چورو ڪرين.

اڏ جيئري استاد کي، ڏک ٻچين ڏوڙا،
چِني تو چورو ڪرين.

.

# سمهڻ ساعت ناهي هي . . . .

ياندا گهمن پُوم، هوندو ساهه سنڌوءَ ۾،
رشيا، پرشيا، روُم، ڪونهي مَٽ ملير جو.

ॐ

تڳي ٿيا تومان، تلوارن جي تاءَ ۾،
تاريخي طوفان، گهُٽن مان گرجي اُٿيا.

ॐ

جِئيڻ، جڳَ جو سوجهرو، مرڻ حَق جو مانُ،
تَن تان سڀ قربانُ، ڪنڌ ڏِنا جن سنڌ تي.

ॐ

جيڪي جوڌا جُوءِ لئي سُوريءَ تي سِر ڏين،
لوڏيو پيا لوڏِين، هانءَ هِندورا لوڪَ جاَ.

ॐ

ॐ

ڏيئي هوڪا حق جا ڦاسيءَ تي ڦٿڪن،
هانءَ اُهي هٿ ڪَنِ، لڙڪي ساري لوڪ جا.

ويرين ڪارڻ وهه، جيڪي جُوانَ بڻيا وتن،
ماڪي، مکڻ، گِهَه، سيئي آهن سات جا.

تَن جي تِن ڪي تاتِ، جن ڪارڻ جيڪي مُئا،
بانڪا پنهنجي باتِ، واتن ۾ واسي ويا.

گجي، قاسي گهات تي بيهاريائون بات،
اوتيائون آڪاس تان باباڪي برسات،
پاتائون پاتار مان جهرڪي ڪائي جهات،
هئہ هئہ اهڙي ”هات“، ماڻهن کي موهي وئي.

ڏارين، ڏُپ ـــ ڇتي، ڏارين، ڏونگر ڇوڪرا!
گمهين عيش ــــ گهٽي ووڙين، واٽ نجات جي!

گُل گُل تي گونجارَ، ٻُڏبي واندي ڀنئر جي،
ٻُل ٻُل تي گجڪار، هوندي ٻَبرَ شير جي.

سمهڻ ساعت ناهه هي ووڙڻ جي ويلا،
ايندا آڏو ادڪبا، ڏرتيءَ ـــــــ ڏاڙيلا،
منزل تي ميلا، پنهنجي پيارن سان ڪبا.

جَمُ ڏئي جمدوت کي، موت ڪيوسون مات،
ڏَتُ ڪيو هي ڏات، مرتيو، جيتيو ٿي ويو.

ॐ

پورا ڪهڙي پيٽ، هلندي ماضي، حال جي،
ڪٿي جَنبو جيٺ، ڪٿي ڪرها ڪڇَ جا!

ॐ

پلا نهندي پيٽ، ڪهڙي ڪالهہ ۽ حال جي،
ڪٿي ٿي وي سيٽ، ڪٿي قصا اڻ ڏٺا!

ॐ

ٿلتي، توڙيءَ جي ڪجي ڪهڙي ليکي پيٽ،
گوليون ۽ گرنيٽ، ڪُند، ڪٺارا ٿي ويا.

ॐ

گهڙيءَ گهڙيءَ گهندُ، وڄن واڄا جاڳَ جا،
نشو، غش نہ ننڊ، پِنڊا پٽر چو ٿيا؟

ॐ

ڪيڏوٽا ھي ڪن، ناھن، ڪيڏون ٻار ٿي،
ساعت اندر سَن، ڻهيو، ڊهيو ٿا وڃن.

ॐ

ॐ

پر ماري پُوهيو، پوءِ پلي پٽجو پيا،
للهنگ جنهن لُوهيو، اڳ ۾ تنهنَڪي لوڙهجي.

ॐ

پهرين جهورج پَڄَ، پو ڪجهہ پٽ ڪرين تہ ڪر!
ويريءَ وجهج واتَ ۾ چائي پَري چَڄَ،
تيتر مَرڪڻ لَڄَ، جيتر جَرڪڻُ جَڄَ ۾.

ॐ

موت ڪپي، ڪوري، ڳاري ڪاري قبر ۾،
ڪنهن ڳوري ٿوري، مارُو ماٽيندو گهمين!

ॐ

موت لُٽي، لاهي، توڙي ڳاهي ڳاهہ ۾،
ڪي ڳالهيون ڪاهي، ڦُٽو، ڦولهيارو وتين!

ॐ

ڪٽايئون ڪاهيون، چيئون: پوريا اٿئون پنڌَ،
ڪونڌر اُپي ڪنڌَ، ڏوڪيندا اڳتي وڃن.

چارن تي چوڦير، ڪورا ۽ ڪاهيون ٻَريون،
اندران اڪري ڪير، ٻهران پهچي ٻل نہ ڪو.

ڪٽايئون ڪاهيون وڏيون، ٻَڪايئون باهِيون،
پڪو پَهہ ماٺهن ڪيو، ڦَهَر تي ڪاهِيون،
سورهيہ سِر ساهِيون، لاڳاپا لاهِيون وڃن.

ڪاهيون ۽ ڪورا، واٽن ڪي ويڙهي ويا،
وٽن تي واسينگ جڻ تندون تاندورا،
دولهہ ڏاجورا، ڪڍندا پڪ ڪلور جا.

# هي ڪنڌ ڪهڙي ڪونڌ جو؟

هيءَ ڪنَڌُ ڪهڙي ڪونڌَ جو، لَڙڪيو ته ٻهڪي!
سُوري ساڻي شرم ۾، سُرڪڻ ـــ ڳَنڍ سَهَڪي،
ٻوهارو ڌهڪي، ڦاهو، ماهو تي نہ پئي.

ॐ

سورج ڪي ڦاهي، آڏيءَ انڌ اُتي ڏني،
اُونڌيِ اونداهي، صبح سج نئون سنئون.

ॐ

سَليو جو بہ صليب، سَنڌ سنڌ هٽِي ڌَڪَ،
پوري پوري پَڪَ، هوندو ماس مَسيح جو.

ॐ

قاتل وهہ يا ڪات، ڪُنا جيڪي ڦهر سي،
سرمَدَ يا سُقراط، هوندا مڙس حسين ڪي.

ॐ

تون تازو تيمُور، عمر اڳ اسان ڏٺو،
انڌير ۽ انياءَ ڪي مردَ نہ مجن مُور،
اهو سانڍي سُور، ستت مَرندين ساڙ ۾!

ॐ

تاتاري تيمور، ڪوڙهئي قبيلي منجهان،
اندرُ چڪنا چُور، ٻاهر ڪوڪو ڏيکرو.

ॐ

ॐ

ڳهاڳهائيج ڳهَڙي، ڳهوري صدي بي سَتي!
هيرو ڳُڻ ڳِڙي، ڏاڳهو ڏونگر ڇا ڪيو؟

ॐ

هلڻو ڪلڻو، روئڻو، رهڻو آهي ڪير،
هوڏاهون جو هيڏڙي اصل اير نہ پير،
واريءَ پَٽ تي پير، جڳ ۾ آهي جندڙو.

ॐ

مرڻ ناهي ميهڻو، موت يقيني يار،
مُڙڻ، موتڻ ـــ مار، ڪائِڻ، خواري ڪيتري!

ॐ

ڪانئر ڪميڻا، ائين ڪُونڌن جي پڻيان،
جئين ڦند ڦِيٽا، وِڃاءَ ويري ٿيا وتن.

ॐ

ڳيدي ڪندو ڳندُ، رهندو زرجي زور تي،
منڊي ڦاهو ڦند، سُوريءَ چاڙهي سورما.

ॐ

# وايون

ڳوٺ سَڏيئي ٽاٽي،
گهوٽ وِڏئي گهاٽي،
سڀ ڪوَ ٿو ڄاڻي، تون چا تيلَ، قليلَ وندبيندين!
ديدن هوندي ديدُ ڪِسي ٿئي، نابينا ناٽي،
سيڪو ٿو ڄاٽي . . . .
تنهنجا پُرلو پَڌرا ٿي پيا، هنڌ هنڌ تي هاٽي،
سيڪو ٿو ڄاٽي . . . .
تو ڌرتيءَ تي ڌاريا آندا، پائر ڪُنا پاٽي،
سيڪو ٿو ڄاٽي . . . .
تاتارين جو روح توائي، تو ۾ ٿو تاٽي،
سيڪو ٿو ڄاٽي . . . .
جيڪو وڳر ونگ وجهائي، ماڳ نہ ٿو ماٽي،
سيڪو ٿو ڄاٽي . . . .
سوچ سجاڳ، عوام بخاري، آزادي آٽي،
سيڪو ٿو ڄاٽي . . . .
تون چا تيل، قليل وندبيندين!

ॐ

توُتارا طوفان، غازي گوڙون، ڪڙڳي ڪنوٽيون،
ٻڪر وال تي پاڻ وسن پيا، ڪَڙ ڪڙ ڪڙڪن ڪانَ،
غازي گوڙون . . . . . . . . . . .

ترندڙ بوڙيا مِينهن تکي ۾، تنبو ۽ تولان،
غازي گوڙون . . . . . . . . . . .

ڏرتي لرزي ڏوڙيا تي ويا، گهوماٽيون، گهمسانَ،
غازي گوڙون . . . . . . . . . . .

زورث تِير، ڪهاڙيون، ڪُوڪٽ، ڪُوڪارون، ڪِرپان،
غازي گوڙون . . . . . . . . . . .

ڪچون، واچون رت جون چيٿون، هٽڪارون ڪيڪانَ،
غَازي گوڙون . . . . . . . . . . .

چيرا، ٻيرا، اهليا ٻَهليا، پٽري ۾ پرڏان،
غازي گوڙون، ڪڙڳي ڪنوٽيون.

ڪهڄر: ٻُرج، قلعا، دَز ڪنگرا، تهبارون تُومان،
غازي گوڙون . . . . . . . . . . .

هي جي ظلم بخاري هاٽيي، مَهينن جا مهمانَ،
غازي گوڙون . . . . . . . . . . .
ॐ

# ڪاري ڪڪر هيٺ

* ڪاتي سڪندر، ڪاتي ميد، لڙيا مگر،
متان چئين پرڏر، ڪونڌر ڪينهن سنڌ ۾!

ॐ

ٿانءِ ڪري ٺهڪي، ڀڪي آيو ٻاهران،
سڪندر سهڪي لهڪي نڪتو سنڌ مان.

ॐ

❑ پورس، جيئري پيش پيو، سامبس ڏنو ساه،
جُوءِ سڄي جنگاهہ، سِريُون، ٽارين ٽنگيون،

ॐ

سڪندر لشڪر سندو، سارو حال سُئو،
❖ ويندي شرط مُئو، سست انهيءَ سور ۾.

---

* سڪندر يوناني: ان وقت ميد قوم، لڪن وٽ گوريلا حملا ڪري سڪندر جي لشڪر کي تنگ ڪيو.
❑ پورس، پنجاب جو حاڪم جو زندهہ پيش پيو.
سامبس: ۽ سندس ساٿين وڙهندي سِر ڏنو، سڪندر انهن جون سِريون ٽنگايون.
❖ سڪندر سنڌ مان ورندي جلد موت جو شڪار ٿيو.

* فنيقي، مصري، ڪڙڪيا سونيءَ سنڌ تي،
ميدن جي مڙسي، لوپين ڪي لوڙهي وڌو،

ॐ

▫ اسڪندر آوا، ٻاريا سرچي سنڌ ۾،
پاپي پراوا، اُتوتي پنهنجا ٻہ ها.

ॐ

اسڪندر دراوڙ جاٿَ، ميد هجن ها پاڻ ۾،
ڏارئين ڪنڌين ڪاٺ، وجهن ها ڏرتيءَ ڏٽي.

ॐ

❖ سڪندر ڪان اسڪندر، غوطي تي غوطو،
ٻي سُرتيو بوتو، ڦوڪئي ساهه وري پوي.

ॐ

---

* فنيقي ۽ مصري سڪندر جي لشڪر ۾ هوشيار ملاح هئا، جن ڪي هتان جي ميد ملاحن پڇڻ ئي نہ ڏنو.
▫ آوا - ڪورا ٻاهيون.
❖ سڪندر يونانيءَ ڪان وني، اسڪندر مرزا جي مارشل لا تائين

پرڏيهي طاقت ڪُڏي، ڏيهيءَ تي ڪاهيو؟
يا، عراقي عربن وڏي، سنڌين تي ڪاهيو؟
يا، هڪڙي مذهب زور تي ٻئي مذهب تي ڪاهيو؟
يا، جڏهن جنهن چاهيو، تڏهن ڪاهِيو ٿي سگهيو؟

ॐ

جنگيون، جيت ۽ هارَ، دنيا جو دستور آ.
ديسي پنهنجي ديس ۾، مُنجهي ڪاڏي مار،
پرديسي سالارَ، سوچي جوٽيو ۽ ڪٽيو.

ॐ

* رَني يا راوڙ، جيت نہ ڏئي جِيور،
قلعا، ڪوٽ پناهہ پر ڪاهيندا ڪُونڊر،
هوش، همت پُٺن — پر سورهيہ گهرجن سوپ ڪي.

ॐ

❑ هاٹي هر ٻهريون ٻَڪي ٻينو، مان قاسم،
وديسين ڪان وَڍِ مِلن، ديسين ڪي دائم،
ڪريو سَگهہ قائِم، نہ تہ ٻاهرتو ٻيرا ڪندَوَ.

ॐ

* قلعن جا نالا.
❑ محمد بن قاسم

# سومرا دور

چڙي چنيسر، پنهنجن جي پويان پيو،
چِغلخور چٺو پٺو، ڪوٺو ٿي پيو ڪر،
ڏُکي ڏارئيَ در، دانهن ڏنائين ديس جي.

ॐ

آمر علادين، کُهي پاڻ کُسي ويو،
ڏنو اُپ، زمين، دودي ديُو دَسِي وڌو.

ॐ

دودي، علادين جي جنگ، وطن جي جنگ،
ڳائن يان بهادريون، چارڻ چوري چنگ،
ننگر، پونگر، ننگ، سيئي سنڌي سورما،

ॐ

سورهيہ سنڌي قوم جون ساراهون ٻُرنديون،
تاريخون هر دور ۾ ثابتيون گهُرنديون،
جهُريون سي جهُرنديون، جُڙيون سي جُڙنديون پيون.

ॐ

پيرَ ڪري رک پاڪ، دودن جي ڌرتيءَ  مٿان،
مِٽيءَ سان آهن مليل بهادر بيباڪ،
واڇوڙن ۾ واڪَ، هوا ۾ هڪلون اڃا ئي!

ꙮ

للڪاريو منزل، ادب سان اڳتي اچ،
دڙن ۾ دهڪي پئي شهيدن جي دل،
هِتي ئي قاتل، مقتولن کان مات ٿيو.

ꙮ

ادب سان رک پيرَ، مِٽيءَ منجهه مٽير ٿئي،
ڏڏڙ، دانهون ديسَ جون، ڪُنا ڪنڌ دلير،
هي جي ڊِگهيون، ڍير، مڙسن ميڙاڪا ڪيا.

ꙮ

هي جا ڊوڙي ڊاڳ، ڪاوڙ ڪُوپن کي اچا،
ڪرٽا، ڪاڙهو هاڙهه جو، انهن جي آ آڳ،
مٿان پنهنجي ماڳ، مريو پهرو ڏين پيا.

ꙮ

هِتي رڻ گجيو، روهن ۾ راڙو ٿيو،
هِتي جنت ـــ سنڌ تي دوزخ ـــ جنگ ڏکيو،
هِتي سنڌ ڪٽيو، هِتي دشمن ڏُوڙ ٿيو!

# ارغون ۽ سمن جو دور

* چانڊيا ۽ منگسي، جڏهن پنهنجي جوءِ تي،
رهزن پرديسي، دنگيا منهنجي ديس تي.

ॐ

❐ چانڊيا، منگسي چوُر تي، سرچڻ ڏارئي ساڻ،
بربادي جا پونءِ تي اُهيئي اُهجاڻ،
پنهنجي هٿين پاڻ، ڪارنهن ملجي قوم تي.

ॐ

ڌرتيءَ جا غدار، ڌارين جا ڏوتا ٿيا،
غيرت جا دشمن، دَلا، دولت جا دلدارَ،
لعنت جا حقدارَ، تاريخن ٿوڪي ڇڏيا.

ॐ

❖ ٽلتي ٽيجهو ڏينهن هو، ڏوجهو هالاڻي،
دبي ڌارين ڪان ڌڪي، مٿان تي مياڻي،
♦جام ننگر ڄاڻي، ميهڙ پڻ معلوم ٿئي.

ॐ

---

* چانڊيا منگسي، سخت دُشمنيءَ لاءِ مُحاورو آهي.
❐ چانڊين ۽ منگسي قبيلن جي پرچاءِ جي بهاني، ارغون سنڌ ۾ آيا.
❖ ٽلتي، هالاڻي، دُبي، مَياڻي جون جنگيون.
♦ جام نگر، مطلب ڄامشورو 4 مارچ ڏانهن اشارو ميهڙ ۾ به جمهوريت جي لاءِ هنگاما ٿيا.

امين آڻي، بلاول ڪي بنديو،
گهڙيو ۾ گهاٽي، نعرو هڻي سنڌ جو.

ॐ

بهادر بلال، عاشق سچا سنڌ جا،
ڪيڏايا تو قوم ڪان تُرخانن جا تال،
جئي سنڌ جمال، گهاٽي ۾ گهڙندي چيئي.

ॐ

بهادر بلال، ساٿي، سڄڻ سنڌ جا،
تنهنجي پنڌي پيڙ مان شهر شهر مشعال،
اسانَجا اُفعالَ، آڳند ۾ انڌاريون.

ॐ

بلاشڪ بلال، توڪي ساڃهه سنڌ جي،
ڏارين سان ڏڏڪو ڪري لڙيا للهنگ لال،
قوت، ٻڏيءَ جي ڪال، مارُو مارائي وڏا.

ॐ

اڙدا ازدهام، ٿلٿيءَ تي ظالم ٿُنا،
دولهه دريا خان جا ڄايا آيا چام،
سوڍا، سهتا، سُورما، اُپريا ماڻهو عام،
ڪاري ڪڪر هيٺ سي جهڙيندي چڏيام،
مڪليءَ منجهه مقامَ، حملي آور هوڏ جا.

ॐ

وايون

شهيد جي تُربَتَ، عزت، ادب سان اچو!
اِت وطن جي دل اَٿَوَ، هوري رکجو لَتَ
عزت، ادب سان اچو!

سيئي آهيون سُرخرو رگَيو تنهنجي رَتَ،
عزت، ادب سان اچو!

پِڙ ۾ پُرزا پاڻ ٿي، سِندوءِ اوتيئي سَتَ،
عزت، ادب سان اچو!

دودا، تنهنجي ڏوڙِ جي، اُتاهين عظمتَ،
عزت، ادب سان اچو!

ملهي موڪيئہ ماڳ ڪي، ٻي صورت ۾ نہ تہ،
عزت، ادب سان اچو!

نئين تنهنجي نينهن جي، نت نِت آ نوبت،
عزت، اَدب سان اچو!

چاڙهيو سِڪ جون چادرون، مشڪ ڇٽيو محبت،
عزت، ادب سان اچو!

جِيءَ جِيئَن استاد سي، اوتيا جِن امرتَ،
عزت، ادبَ سان اچو!

بلاول جي بانگَ، سُڻي سانجهہ، سويري،
جاڳو پنهور، رند، جمالي، چنا، منگسي، چانگ،
بلاول جي بانگ . . . . . .
هٿ هٿ ڏانگ سنپاريو ساٿي، وک وک ڪارا نانگ،
بلاول جي بانگ . . . . . .
ڪيهر شير ببر نر آهيون، ناهيون ڇيلن ڇانگ،
بلاول جي بانگ . . . . . .
سُوريءَ تي بہ سنواريندا سين، مادر تنهنجي مانگ،
بلاول جي بانگ . . . . . .
سندو ٻڌ بخاري سوگهو، ٻيلو آهي ٻلهانگ،
بـــــلاول جـــــي بانگ،
سڻجي سانجهہ سويري.

ॐ

مونکي آ معلوم، سورهيہ ساٿي سنڌ جو،
ميان، مرشد، مولوي، ماڻهن لئہ مخدوم،
مــونــکي آ مــعلــوم،
سورهيہ ساٿي سنڌ جو.
جئيندو وتي جُوءِ ۾، مور نہ سو مرحوم،
مــونــکي آ مــعلــوم،
سورهيہ ساٿي سنڌ جو.
نالو جنهن جي نينهن جو، مَنن تي مرقوم،
مــونــکي آ مــعلــوم،
سورهيہ ساٿي سنڌ جو.
صبح پيڙي سپ کي شام مري ويو شوم،
مــونــکي آ مــعلــوم،
سورهيہ ساٿي سنڌ جو.
اجا چو ايوان ۾، ظالم ۽ مظلوم؟
مــونــکي آ مــعلــوم،
سورهيہ ساٿي سنڌ جو.
اباڻا استاد جا متان ٿيو محڪوم!

گهاٽي گهوٽ اسانجا گهايا، گهاٽي ڪي گهايون!
اُٿو،
گهاٽي ڪي گهايون!

ميڙ مچايون گڏجي سڏجي، مڙسالا، مايون،
گهاٽي ڪي گهايون!

الري انڌي لٺ اکيڙيون، اکري اڇلايون،
گهاٽي ڪي گهايون!

ڊوڙو پيمر، پچون پاڄاريون، ڪوپا ڪولايون،
گهاٽي ڪي گهايون!

گهاٽي گهاٽ، لڳايون باهيون، چاڪي ٽچڪايون،
گهاٽي ڪي گهايون!

ڊاهيون ڊوهه قهر تي ڪاهيون، ڦاهيون ڦٿڪايون،
گهاٽي ڪي گهايون!

گهر گهر ڏنڊا، ڪونڊا ونڊي، گهنگهر گهُوٿايون،
گهاٽي ڪي گهايون!

آريون، ڪات، ڪهاڙيون ڏاريون، ڏاڊايون،
گهاٽي ڪي گهايون!

ڏوڏي ڪي بہ ڏياريون غيرت، ڏاريون ڏاڍايون،
گهاٽي ڪي گهايون!

ڏاريو اُپُ، اُپاريون سورج، ڌرتي اُتلايون،
گهاٽي ڪي گهايون!

بانگ بلاول سنڌي تنهنجي، گهر گهر گونجايون،
گهاٽي ڪي گهايون!

ماٽيون ماني، مان بُخاري، آٽيون آجايون،
گهاٽي ڪي گهايون!

ॐ

# الارض اللّٰه (ڪلهوڙا دور)
# ڪيڙي سو ميڙي.

لاڙيچا لانگاهه لينن تنهنجي لنگهه تي!
صديون تو اڳ ۾ سڏيو، هاري ٿيو همراهه
ڌرتي ۽ درياهه، ڳڏيل ملڪيت مُلڪ جي.

لاڙيچا لانگاهه اُترادي تو آسري!
سچائيءَ جا سوجهرا، سورهيائي جا ساهه
آنهين عنايت شاهه، ساٿي ساري سنڌ جو!

لا خوفا لانگاهه، توکي خوفِ خُدا، فقط
اَلاَرض اللّٰه، ڪيڙي سو ميَڙي ڪٽي

ڪيڙي سو ميڙي پلي، ڪاهي سو ڳاهي
داتا جي ڌرتي سڀي آدم جي آهي
سينا سپ ساهي، بينا غاضب جي سامهان.

لاڪيٽا لانگاهه، لکين تو لا لانگهري
جهونجهارن جا آسرا، وينجهارن جي واهه
تنهنجي پُٺ پناهه، ڪُڙمي ڪُنا ملڪ جا.

ॐ

هاري، پورهيت لوڪ، سورهيہ ڪوٺ ڪَنا ڪيا،
رائر روڪ نہ تر ۾، سيئي سڳر ٿوڪ،
محبت، محنت موڪ، عدل، امن، آجڪو.

ॐ

عنايت عظيم، عامل ڪامل آدمي،
ڏاهو ڏيئو ڏيھہ جو، سالم عقل سليم،
ڪڙمين لاءِ ڪريم، جابر سان جهيڙا ڪري.

ॐ

* ان الارض لله، نعرو نينهن نشانُ،
❖ صالح، صوفي، صاف دل يا اعظم اَنڌ، اَنانُ،؟
جملو جُنگ جوانُ: ڪيڙي سو ميڙي ڪٽي.

ॐ

---

* سموري زمين الله پاڪ جي آهي.
❖ اعظم: مغل گورنر، انان: مست مدهوش، چريو.

اَن الارض لله، حوالو هر حال،
صالح، واسع ويسلو يا عنايت ابدال؟
قول ۽ فعل ڪمال: ڪيڙي سو ميڙي ڪٺي.

ॐ

ڪميٽپ سان ڪاهہَ، ڪامورن ڳڏجي ڪئي،
ڪُڙمي ڪاري، ڪاسبي، هُنري سڀ همراهہ،
ويرين روڪي واهہ، جِيوَن جنگ چِڙي وئي.

ॐ

لاڳاپا لانگاهہ، لاهي، جنگ جُتي وئين،
ٻني، ٻار ٻري چڪا، اڻ ترٽو آڙاهہ،
جوءِ سڄي جنگاهہ، پر ماري پاپين ڪئي.

ॐ

* مَتو تنهنجو موسوي، ٻازو ٻُوذري، ❖
همت حيدري، نعرو نينهن، اچو مچو.

ॐ

* حضرت موسىٰ وارو.
❖ ابوذر وارو

نعرو نيهن اچو ــ مچو، سوچو سوبہ سچو،
ملڪ سڄو منصور ٿيو پيٺو ڪونہ بچو،
ڪونهي ڪوبہ ڪچو، هرڪو حق پڪو ڪيو.

نعرو نِينهن اچو، مچو سچو سو بہ سچو،
ڏاريو، ڏاڍِ ڏچو، پيهُون پاپَ پليت ڪي!

جهورايا جهونجهار، نڪري نعرن جهوڪ ۾،
جِتي جاءِ نہ ٻڙڪ جي تتي ڪُوڪ ڪٺار،
بعضي پُوڪ پتار، ڪوس ڪرائن قوم جو.

بيجا، بي وقتا، نعرا، جوش نمائشي،
ڪيڏيا هوڪن جهوڪ جي تڪڙن جا تختا،
سورهيہ سربستا، هٽي هوڙهہ سڙهي وڏا.

# لطيف جي حضور ۾

هن دهه تي هِن هنڌ، ڌاڙيلن ڌرتي لُٽي،
ڌُوتن دوکي ڌوڙَ سان ڪاٽيا ڪونڌر ڪنڌ،
ايڏا ارڙا، انڌ، ”گهوڙا ــ گهوڙا“ تو نہ ڪئي!

ॐ

ڪڙڪيا قلعا ڪوٽ، چنوڙين چيرين مٿان،
ڏندي، ڪوندي ڏاڍ جي گهوٽيا ڳاڙها گهوٽ،
چڙهي، هاڙهي چوٽ، ”پهچو پهچو“ تو نہ ڪئي!

ॐ

چا تو جهجهڙ جهوڪ وٽ، ٻرندي لوڪ ٻڏا!
هيڏا قهر ڪُڏا، ”روڪيو ــ روڪيو“ تو نہ ڪئي!

ॐ

ڪُڙين ڪهہ ڏٺي تو، ڏوران لکيئہ لوڏ،
ڌرتي ڪاڏَي ڌوڏ، ڏاها، تو نہ ڏٺي چا؟

ॐ

نوريءَ ناز نظر ۾، سسئي سگّ سڪي،
پوچا پير ڊڪڻ تي ڪٿ تو اک رکي،
آڪون ڊاڪون اک ۾، پرکيئہ پنئر، پڪي،
موکيءَ هٿ مِتارن جيڪا چُرڪ چکي،
چڙهي، چاءِ چَڪاسيئہ، بر ۾ باهہ ٻکي،
تنهنجي تيز نظر ۾ لاکو خواہ لکي،
آڏو تو نہ اکي، هيءَ جا قوم ڪُسي وئي!

## وائي

سورهيہ جون ساراهون ڳايو،
آزاديءَ جا ناد وڄايو،
شادي آهي شهيد جي،
ورسي وطن دوست جي.
ڳاڙهو ماس ڏئي جنهن ڳوڏي،
مَٽي تنهنجو رنگ مٽايو،
شادي آهي شهيد جي،
رَت جو ريج ڏئي جنهن جوڏي
سنڌو تنهنجو سِت وڌايو،
شادي آهي شهيد جي،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ هٿ ۾ مشعل،
اُتو اُتو جوت جڳايو،
شادي آهي شهيد جي،
هرڪو سورهيہ سياڻو بڻجي،
جوش ۽ هوش جي وند وندايو،
شادي آهي شهيد جي،
اميد آ اُستاد بخاري،
ديس جو ٽيندو لايو سجايو،
شادي آهي شهيد جي،
ورسي وطن دوست جي.

# سنڌي حُر سنڌوءَ جا

ॐ

حُر اهوئي حُر، جنهنجو سِرُ سنڌوءَ سان،
آجائيءَ جو اُر، سچائيءَ جو سوجهرو.

ॐ

حُر اهوئي حُر، آجو جنهنجو آجڪو،
ڪچو ان جو ڪُر، ٻِيَنِ جو ٻانهو ٿئي.

ॐ

حُر ۽ حريت، سرتو، سرتي پاڻ ۾،
سورهيہ جي سنگت، سورهيائيءَ سان ٿي نهي.

ॐ

حُر ۽ حريت، للڪاري، لانئون لڏيون،
جوڏي جي جرئت، گهرواريءَ سوڏي سگهي.

ॐ

ॐ

حُر ۽ حريت، جيڏو، جيڏي پاڻ ۾،
سورمي سنگت، ساهيڙي سهٽي نڪتي.

ॐ

حُر ۽ حريت، جهيڙي ۾ بہ جَڙيا رهيا،
غازي ۽ غيرت، ڇيهئي ڪين ڇجي سگهيا.

ॐ

حُر ۽ حريت، ياري عزم، اميد جي،
دلاور دولت، ديد ۽ دل جي دوستي.

ॐ

حُر ۽ حُريت، ڇڏيندي ڇيهون ٿيا،
گهَمن کي غفلت، مُنجهائي، ماري وڌو.

ॐ

---

گهمن : بهادر، ڪوپو

ॐ

حُرن حريت، ڇڏي، تَڏ ڇوڇا ٿيا،
غازين کي غفلت، ڳولن جو ڳولو ڪيو.

ॐ

حر نہ ڪنهنجو نانءُ، سورهيہ حر آ سنڌ جو،
* هاڙهي جيڏو هانءُ، سورج جهڙو سوجهرو.

ॐ

حُر نہ ڪنهنجي ذات، هَر پاڙو حُر قوم جو،
سنڌو جن جي سوچ ۾، سنڌي جن جي بات،
سپئي سورهيہ سات، ڏئي ڏاڍ وڍي وجهو!

ॐ

بَبر نر بيباڪ، بگهڙ پر پرمار لئي،
ڪُٽنِ فوجون ڪوٽ جون، ڇُٽيِ ڪوٽن ڇاڪ،
اُٿن، ٿڙڪن ٿاڪ، وڏن، ڏُبن ڏرٽيون.

ॐ

---

* هاڙهي: جبل جيڏو

هو جي هيبتناڪ، ڌرتيءَ جي دُشمن مٿان،
در در ڦڙڪن بيرقون، تر بر سندن ٿاڪ،
وڄَن وڏي ــــ واڪ، سنڌي حُر سنڌوءَ جا.

هنڌين ماڳين هاڪ، حُر سپاهي سنڌ جا،
ويرين ڪارڻ وَڏَ ــ ڦُڙا، مارُن ــ اگڻ ماڪ،
گهمَن غضبناڪ، ڏَمن، ڌوڌارن مٿان.

هن ڌرتيءَ جي ڌاڪ، سدورا پُٽ سنڌ جا،
* بهادر بيباڪ، ڪولاندر تر ـ ڪيچ جا.

* ڪولاندر : ضامن
تر ـ ڪيچ جا: تر جي خوشي، مزي، موج جا.

# وايون

موڪيئون ماڳ مَڪي،
گهر گهر باهه ٻکي،
ٻڪندي ٻڪندي ٻميٺ تي پيو.

جاڳي سنڌ غلامي تو مان، آجي مُنڌاڪِي،
ٻڪندي ٻڪندي ٻميٺ تي پيو.

اڄ جا جُوءِ سڄي وئي ٻجڄي، ٻوڪي ڪالهه ٻَڪي،
ٻڪندي ٻڪندي ٻميٺ تي پيو.

مردن حور ـ هميشهه ماٽي، ٻوڳهن عُمرِ ٻَڪي،
ٻڪندي ٻڪندي ٻميٺ تي پيو.

وڪ وڪ ڏُک ڪٽياسون ڏاڍا، سُکن ڪاڻ سڪي،
ٻڪندي ٻڪندي ٻميٺ تي پيو.

تو جا رڳ رڳ لڪائي، ساري لوڪ لڪي،
ٻڪندي ٻڪندي ٻميٺ تي پيو.

آئيندي ۾ آسَ بخاري، روشن آهي رکي،
ٻڪندي ٻڪندي ٻميٺ تي پيو.

---

مڪي: مڪي ڊنڊ، اک ـ اکي ۾ رکي: اک وڏي ، نظر اُچلي،
ٻڪي: ننڍڙي ٻاري، ٿوري ٻَني.

ॐ

واٽون ٿي ڊوڙن،
ويهن ته به ووڙن،
تون به جيئڻ سک تن کان،
جهد ـ جتن سِک تن کان.

واڳ ضديري دَور جي، مرضيءَ تي موڙن،
هو جي پنهنجي هار مان، جيتون ٿا جوڙن،
جهندا جِيون ـ جهد جا، وک وک تي کوڙن،
ڏونگر جهڙي ڏاڍ کي، هوڪاريو ٿوڙن،
ٻاڪارون تاري وجهن، ٻهڪارون ٻوڙن،
ڇا به ٿئي استاد هو، ڇوهه نه ٿا ڇوڙن.
تون به جيئڻ سک تن کان..........
جهد ـ جتن سِک تن کان..........

# شهر شهر شجاع

* ڪيڏارو کهڙو، ڪيڏو ڳايان قاسما!
❖ جو ڪرڙيءَ جهڙو، نقشو ساري سنڌ جو.

ॐ

کهڙو ڪيڏارو؟ حسن مير حسين جو،
ٻَر ٻر ٻاڪارو، ڪاڇو، ڪڇو ڪربلا.

ॐ

شهر شهر شجاع، ڪوڙي خيما، چانوٽيون،
سُٽين پو ٻہ سماع، ٺهڪي ٿي ويون پيو ڏسين!

ॐ

پهتو شوم شجاع، سوچيو سنڌي سورما!
ڪندا وير وِداع، ويندا ويريءَ سامهان.

ॐ

شجاع، شڪار گاهہ، ناهن ننگر سنڌ جا،
پيري پيري پونءِ تي هٿلر ڪرين ڪاهہ،
ٻُرا تنهنجي ٻاهہ، ڏرتي پڙڪائي ڇڏي.

ॐ

* قاسم: خليفي نبي بخش جو تخلص، جنهن ڪرڙي جو ڪيڏارو لکيو آهي.
❖ سڪر شهر لڳ: جنگ جو ميدان، جتي شجاع ۽ سنڌين وچ ۾ جنگ لڳي.

ॐ

شجاع، هاڻ شڪارُ، ناهي ساري سنڌ،
بهادر ٻالا هٽي، جهوري وجهندءِ جند،
هيڏهن ڪِلندُءِ هِند، هوڏهن رُئندءِ مُروندي.

ॐ

ڪرڙيءَ ڏي ڪُڱمار، بازر ڏي پيٽو رُلن،
جهيڙي ۾ جهونجهار، ويڙهي ٻيڪن چيلڙا.

ॐ

شجاع، شڪار گاهه، سمجهيو سنڌو ديس تو،
سرڙي سنڌي سورما، گهرڙي ڪيندءِ ساهه،
پوهي ڪندءِ پاهه، ڪائيندءِ ڪرڙي پئي.

ॐ

ڪرڙي ڪُڱمارا، ڪٽِي ڪِينِ ڪڱل،
پيلا ٻُت پڱل، ڪائن ٽَڪون لعنتون.

ॐ

## وايون

مڙني کي معلوم آ،
ڪرڙي ڇا ڪائي.

سسيون سنديون سورمن،
پيرن ۾ پائي ـــ ڪرڙي ڇا ڪائي ......

وڏي ويرن کي وجهي،
ڏرٽن کي ڏائي. ڪرڙي ڇا ڪائي ......

بندوقون شعلا ٻجي،
ٻاهيون پڙڪائي. ڪرڙي ڇا ڪائي ......

تلوارن جي تال تي،
ڪيڏارا ڳائي. ڪرڙي ڇا ڪائي ......

آٽيو اهڙو ڏور جو،
ڪرڙيءَ کي ڪائي!

ॐ

ૐ

* ٻيلي ٻجهو ٻيل،

سَندرن بدران سَچ سان،
پٽڪن بدران پَڪ سان.

تلوارن جي تَوَ ۾،
ڇِرڪي ڇِڄڻ ويل.
مُڙسي ماري ميل تي،
ياڄوڪڙ تي ڀيل.
سورهيہ سُرها ٿيو پون،
توڙي نڪرن تيل.
آجائي آئي اِجها،
هاواٺو آ هيل.

ૐ

* ڪڏهن سنڌي ڪن جنگين ۾ هڪ ٻئي جي ڇيلهہ کي پٽڪا ٻڌي پوءِ لڙندا هئا.

# متفرقا بيت.

* ملڪ رتن، مئت، سڙيا سيوهڻ شهر ۾،
❖ بدبويون بي ڪئينت، آيون ابن بطوطہ کي.

ॐ

# سنڌ الاجي

◈ سو سنڌ الاجي، سڙي تي سائي،
موتو قبل ان تموتوا، مُئي نہ مائي،
سَرهي سدائي، سنڌين سان سنڌو رهي.

ॐ

⭘ سنڌوءَ ۾ تي ساهہ، اتساهي اوتيو ادي،
ڀُونءِ ڀري ڀنياٽ ٿيو، موڪيو محمد شاهہ،
آرائين ـــ آڙاهہ، ڀهران ئي ڀڪجي ويا.

ॐ

* ميت: لاش، ملڪ رتن: دهلي حڪومت جو نائب سيوهڻ ۾.
❖ ابن بطوطہ شهور سياح، جنهن سيوهڻ ۾ اهڙي بدبوءَ جو ذڪر ڪيو آهي.
◈ حيدرآباد ۾ سنڌ الاجي کي سنڌ ـ دشمنن پاران آگ لڳائي وئي.
⭘ جي ايم سيد جي حيدرآباد واري جلسي وقت بم لڳو جنهن ۾ محمد شاهہ شهيد ٿيو.

* مَس ماڻي آمِي، عمر چوڏهن چيٺ تو،
پِهِتي تِنهِنجي هٿ تي امِير آسامي،

وينگس وڪامي، ڪُوڪي ڪُوڪي دم ڏنو.

ॐ

الاڙي، آمي، سنڌو ڄائي سُندري!
ڪاڄ هليسَ ڪمري اندر، ڏاڄ مليس سامي،
جِتي هي ڪامي، تِتي پيءُ پچي چڪو.

ॐ

# وائي

ڪينجهر ڪوماٽي، پَکن پيٽ ڪُتيو گهٽو،
سُنڌي سُنڌي سونهن جي، ڪل سوڏي ڪاٽي،
پهتي پاريڙيءَ اڳيان، اُبتي اُڏاٽي،
ڪونج ــ ڳچي ڪامٽي، هَنج ــ وِڪي راٽي،
پرديسي پاپي جهَتي، ماجر جي نياَٽي،
سرمائي جي عيش لئہ سانول ساماٽي،
ڪينجهر ڪوماٽي .....

ॐ

* آمي ۽ ڦاپي جي ڪينجهر ڪناري واري ڪِيس ڏانهن اشارو.

# وطن ڪارڻ وِڙ. (انگريز دور)

* جعفر توڙي ”جان“، جنگين ۾ جوڪائيتا،
بي ضمير انسان، دوڪا پالن ديس لئہ.

◆ پڙهيا پختا پنج، ٻاهتريا ٻاويهہ،
تورا، گهٽا گنج، هٿيار ۽ هشيار جي.

✸ هر هر ”ول“ جي جنگ، جوٺيل آهي جُوءِ ۾،
ڏيهي مارن ڏنگ، ڪاريهر ٿي قوم کي.

رات، انڌي اونداهہ ۾ مچري ماريائونس
صبح سارِيائونس، دوبارو دانهون ڪري.

---

* جعفر: مير جعفر مشهور غدارِ وطن
جان: جان هاويل. مياڻيءَ جي جنگ ۾ توبچي هو جنهن ميرن سان دوکو ڪيو.
◆ مياڻي جي جنگ ۾ ميرن جو لشڪر گهٽو هو پر غير تربيت يافتہ هو ۽ هٿيار سنا نہ هئا.
✸ ول جي جنگ، ميرن جي پاڻ ۾ لڳي. جنگ جو سبب سنڌين جو پاڻ ۾ تڪرار هو.

* ڪِرڻ، ”لاڏو“ جُڌ، جوڙِي جوڏن سان ملي،
سوڍن پهِتِي سُڌ، پو ڏسر سان پُورن ڳڌو.

◆ ”بهادر بندوق، چوڙي چوٽ ”تورٽ“ تي،
سمجهِي چَمَ صندق، صاحبلوڪ لِڪي ويو.

◈ لاڏو مينگهواڙ، لانبڙ مس لڌو هيئہ،
ڪيئي ڪاري نانگ تي مُڙي کِهڙي ماڙِ،
ڏاڙيلن تي ڏاڙ، ڪرڻ ڪارِ ڪَمائِتِي.

سڃي پوُنءِ پيلائجي، وني ڪي بيگا،
لاڏو تو ليگا، هنيان دشمن هنج ۾.

---

* راڻي ڪِرڻ جي، انگريز سامراج سان مقابلو ڪيو،
ڪارونجهر وٽ لاڏو سنگهہ انگريز سامراج سان بغاوت ڪئي.
◆ بهادر اديسنگهہ ڪي تروٽ انگريز عملدار گهٽو لالچايو پر هو نہ وڪاڻو.
◈ لاڏو مينگهواڙ، تروٽ ڪي پناه ڏني يا مُروت ڪئي.
تروٽ: انگريز سامراج جو ايجنٽ پوليٽيڪل سُپرنٽيندنٽ.

ॐ

* مهاوَجي، مهان، ڪرنل ڪاغذ ۾ لکيو،
دشمن پنهنجي ديس جو ڏارين جو دربان،
ٻوهن کي ٻوهي ڏنو جاگيرن جو دان،
منهن ڪارن جو مان، لوڪ سڀي جون لعنتون.

ॐ

❑ هَنسي "هَنس پري"، ڪارونجهر ڪارو ڪري،
ڦيٽا پور ۾ قول جي، پُوري ڪُک پري،
ٽُو ٽُو ڪن ٽري، ٻنهي ٻاڻن ٻوٿ تي.

ॐ

❖ ڇُورو چندن گڏ، توبن تهبارون ڪيو،
◆ ڪَڪا، سوڍن ڪڍ، لڳا لاڳيتا ويا.

ॐ

◈ راڻو، راڄ وزير، ڏوهي، پرڏيهين ڪيا،
ٻيلائي ٻهلي، وڏا زوري ظلم زنجير،
وطن ڪارڻ وير، گهورون گهوريندا ويا.

ॐ

* مهاوجي (نالو) سامراج وفادار ٿيو، انگريز ڪرنل جي سفارش تي ڪيس انعام مليو.

❑ هنس پري (نالو)، ❖ ڪارونجهر ۾ قلعو

◆ ڪڪا : انگريز ◈ راڻو اڏسينگهه ۽ سندس وزير قيد ڪيا ويا.

راڻو راڄ وزير، ڏوهي پرڏيهين ڪيا،
ٻڌائون ٻلوان سي زوري منجهه زنجير،
وڙهندا جيڪي وير، جڳ جڳ سي جئندا ڏٺا.

* ڪَلَ ڌرين ها ”ڪان“، ”رووجي“ رهڙي رکيئہ،
پاڻ ئي تا پرڌان، پاڻ ئي ڪي پورو ڪريو.

◈ سارنگا، سڏونت، ويري نند وڇوڙيا،
انڌي گيسر انت، ڪئين رت رئاڙيا.

❖ جاڳڻ بدران نند جي، ڳتي جنهن گولي،
پنهنجي دل جي پرتوي رَوڳي تنهن رولي،
ٻُڌي ڇا ٻولي، جنهجهوڙيئي جاڳي نہ جو!

* ڪان: راڻو ڪان،جنهن غلط فهميءَ ڪان، رووجي، کي ماري وڌو
رووجي: راڻي ڪان جو خير خواهہ هو.
◈ سارنگا، سڏونت جي سنگتياڻي، محبوبہ
❖ سڏونت: جاڳڻ بدران پُل ۾ نند جي گوري کائي وينو

# هيمون ڪالاڻي

* ڄڻيئہ جيئني ماءُ، پاليئہ پيسو پيءُ،
دودي، دريا خان جو تون پومي ڄايو پاءُ،
هيمون تنهنجو ناءُ، تاريخن جي تيج ۾ !

ॐ

ڄڻيئہ جيئني ماءُ، پاليئہ پيسو پيءُ،
ڌرتي ڄايو ڏڳ تون دولهہ ۽ داناءُ،
گرن ۾ گوگاءُ، مَلهيو، مُئو ڪير چئي.

ॐ

❖ اربيلا ارڙهن، پڙهين، ڪهمُين، ڳهوت تين !
ڪيڙيو توکي ڪنهن؟ جهيڙيو تو جهونجهار تي.

ॐ

او سياڻا اڻويهہ، صدين جو سودو ڪيئہ !
سُجَ ڳڻايئہ سيج ڪي، چيئن اُياريئہ چيهہَ،
ٻَلي تنهنجي ٻِيهہَ، جڳَنَ تي جرڪي پَئي !

ॐ

پومي ڄايا پيمر تون پلي جڳ جڳ جيءُ،
هينئر هوڪو هِيءُ، صبح سوايو سوچبين.
ॐ

---

* هيمون ڪالاڻي جي ماءُ جو نالو جيئني، پيءُ جو پيسو. ❖ 18 سالن جي عمر سامراجي بارودي ٽرين کي تباهہ ڪيائين 19 سالن جي عمر ۾ ڦاهي جي سزا لڳس.

## وايون

جوتون ٽا جوڙين، سورج منهنجي سوچ جا.
سورج منهنجي سوچ جا. . . .
سونهاري سوراج ڪي، وس ڪيو ووڙين.
سورج منهنجي سوچ جا. . . .
وجهن واڳون وقت ڪي، موقعن ڪي موڙين.
سورج منهنجي سوچ جا. . . .
مايوسين ۾ ڪوششون، جهونجهارا جوڙين.
سورج منهنجي سوچ جا. . . .
بر ۾ ٻاڙهيون بامبٽيون، ڪاهوڙي ڪوڙين.
سورج منهنجي سوچ جا. . . .
بگهڙ واري واڙ ۾، چانگون ٽا چوڙين.
سورج منهنجي سوچ جا. . . .
تارا، اپ تي پاپڙا، رات سڄي روڙين.
سورج منهنجي سوچ جا. . . .
جِيءَ ۾ جايون "جيءَ" جون، "ٻوڏ"، ٻَڌي، ٻوڙين،
سورج منهنجي سوچ جا. . . .
استاد اوٽر سامهان، ڊوُنڊا ٽي ڊوڙين.
سورج منهنجي سوچ جا. . . .

ॐ

پوءِ پيا ڪڍ جو پاَر، ٻاالهيون ٻارايو اڳي.

ٿانءُ اٿس ٿر، ڪاڇو، ساگر،
هانءُ اٿس هالار، ٻاالهيون ٻارايو اڳي.

عزرائيل ٻُڌيو پيو لرزي،
للهنگ جي للڪار، ٻاالهيون ٻارايو اڳي.

ياسر، ناصر، موسيٰ، مائو،
سورهيہ سندس يار، ٻاالهيون ٻارايو اڳي.

ڏونگر جيڪي وڄ نہ ڏاريا،
تن ۾ ڏهہ ڏهہ ڏار، ٻاالهيون ٻارايو اڳي.

آجائي استاد جياري،
جهيريندي جهونجهار، ٻاالهيون ٻارايو اڳي.

ॐ

# 14 آگسٽ 1983 کان، سنڌ ۾ جمهوري آزاديءَ لاءِ جنگ

❑ 17/ 8/1983

سورهيہ سنڌي سورما، دادوءَ جا دلير،
ملهيا پنهنجي ماڳ ملئي، اٽل مرد متير،
شيرن جا پُٽ شير، پلي ڄايا پونءِ کي.

خلقون: پڳون پوتيون، بندوقون، ڀاناَ،
ڏکيو ڦهڪائين لٺيون، ويرين کي واناَ،
ٺاٺا سان ٺاٺا، مُڙس، مهاڏو ڏاڍ سان.

ايڏي آنسو گيس، دادو سارو دونهن ٿيو،
لاهيون ٽوپيون، لانگبوٽ، لُوهن لوڪ ـ لبيس،
ڏُکن ڏوڙن ڏونڍڙا، دودا ڪارڻ ديس،
مُئي پو بہ نہ ميس، ماهر سي مرٽا ڪٽي؟

جوڌن ڀَنو جيل، ڪونٽر جتي قيد ها،
ظالم ۽ مظلوم جو گولين ۾ منهن ميل،
ڏارئي ڏاڪوءَ دوبدو، ڏَر ـ ڇٽيو "ڏاڙيل"،
ويريءَ ڪارڻ ويل، ڪيهر قوم ڪري ڇڏيو.

❑ هي جي تاريخون ڏنيون ويون آهن سو ضروري ناهي تہ انهن تاريخن تي مذڪوره شهرن ۾ جلوس يا حملا ٿيا هجن، شايد انهن تاريخن تي بيت لکيا ويا هجن. ڪا پڪ نہ آهي.

* پرو رند، پلاند، ڪرڙا آهن ڪيترا،
ايڏا انڌ، انڌير ٿيا جن جا آند نہ پاند،
ڏيهي ٿي ويا ڏاند، پاپين پاڄاريون وڏيون.

# جمهوري آزادي لاءِ جنگ جاري

17 – 8 – 1983ع

وير گهڙيا وارهہ، هٺي نعرا حق جا،
هوءِ جا گهرجي هاڻ ٻيا، ڏاڻ نہ گهرجن ڏهہ،
مچريا، مچرين سان مليا، واهڙ وارا وهہ،
جهيڙو هر جاڳهہ، جهونجهارن جوٽي چڏيو.

ॐ

گهوگهي سخت گهٽي، گهيري آئي گهوٽڪي،
ٻُوٽن لوڪ لتاڙيا، ڪَوڙن قوم ڪُٽي،
للهنگ جوان لڙي پيا جن جي لوءِ لٽي،
◈ پنڙي پاپ ٽٽي، پاپي آپند پڄي ويا.

ॐ

❖ پندرهين اپريل، چپ چپ پرو چاندبيو،
ڏوڏو گوليون دوبدو ڏڪجي مئا ڏاڙيل،
ڪوراڙون، گهوڙيل، مارَ هزارين ملڪ ۾،

ॐ

* رند هڪ بلوچڪي ذات آهي، پر رند جو مطلب بهادر، بيباڪ بہ آهي.
◈ ريل جي پنڙي: پاهريون غدار عملو پڄي ويو.
❖ پرو چاندبيو ڏاڙيل 14 اپريل 1984ع تي مارجي ويو

ॐ

موري ڏي مڇرين ڪيون، بيشڪ ڀهيرون،
وڏندا واڪڙندا وڃن ڇڻ ساگر جون ويرون،
اوتر تيز، ٻڙا نہ ٿيا، ڪجھ ڪٽيون هيرون،
خاصن کي ڪِيرون، جن ميڙي ميڙاڪا ڪيا.

ॐ

مُنهن اُجرو مورو، ديد ـــ ڏُلارو ديس جو،
گهاون ۾ بہ گجي پيو، توري تي تورو،
ٻوڏو ٿئي ٻورو، جوڏو جنهن سان تورجي.

ॐ

مورو، مَهائين، مُڙسي ميم ٻنهي ۾،
اکيون آيل سنڌ جون ان ۾ اجائين،
توڙ نہ اچ تائين، اجا ليکو اڳ پرو.

ॐ

ناميا شاھ نواب، تنهنجا نينهن نوان ٿيا،
پڇرا پرزا ٿي پيا، اڏريا باز، عُقاب،
جيجيءَ ڏيج جواب، ”حاضر ـــ حاضر“ آهيان.

ॐ

ॐ

نوشهرا فيروز، تنهنجا شير شهيد ٿيا،
سڻندي ساري سنڌ مان دانهون ٿيون دلدوز،
* سارنگ ــ تر ۾ روز، ڏرتي ـ ڏگ ڇمن پلي!

ॐ

نينهن نوشهرا، توکي سنڌ ــ سلامَ
جوڌا جيجل جُوءِ لئي تو گهاو سٺا گهرا،
پاپن جا پهرا، ٽڙکن سان ٽوڙي ڇڏيئي.

ॐ

ناميا نوشهرا، نعرا تنهنجا نينهن جا،
ورتا وطن ــ ويڙهه ۾ بهادرن ٻهرا،
پڌرا پنج پٽيءَ تي، ڇهرا سي ڇَهرا،
سامُين تي سهرا، گهوٽَن ڇَٽ گلاب جا.

ॐ

23 . 8 . 1983ع

ڪُنب ڪولابي ڳوٺ ڪان، راٽيپور درگاهه،
ڪونئي ڊنپ ڪنا ٿيا، اڇي عام اٿاهه،
سرڪاري ڏهڪار تي، راڄن ڪئي ڪاهه،
حُسيني همراهه، ڦهرن ڪُهرائي وڌا.

ॐ

* سارنگ سهتو، جيڪو ٿلتيءَ ۾ ارغونن سان لڙيو.

پنجاھہ سٺ هزار، ڪونئي مڙس ڪنا ٿيا،
ٻُڍا، پوڙها، ڪرڙ ووڙ، جوڌا جنگ جرار،
ڏنڊا، ٻانا، ڪوڏرون، ڪُهاڙيون، هٿيار،
خيرپور، شڪارپور تي، ويرين ڪيا وار،
نفرت شعلا بار ۽ غيرت گولا بار،
تياري تربيت بنا ٻڪريون ۽ ٻڪرار،
هوندي مرد هزار، ڪونڌر ڪهرائي ويا.

ॐ

قرب قطع تعلقات، ويريءَ سان ويڙهاند ڪر!
نہ ڪنهن هوٽل، هٽ تي نہ ڪنهن تاري تات،
نہ ڪا اخبار اوپري نہ ڪا بتليل بات،
غيرت کي گهرجي گهٽي جهونجهاري جذبات،
اصل اقتصاديات، مُک مسئلو مُلڪ جو.

ॐ

ڪونڌر ڪنڌڪوٽ، اتر سنڌ جا آسرا،
ڦورو ڏُر تي ڦَئر تو، گرجي ڪيا گهوٽ،
بي بي سي تي پُون سڄي ٻُڌين ٿي برڙوٽ،
مڙسن ناهي موٽ، مرڻ، مارڻ ماڳ لئي.

ڪاوڙجي قنبر، آڳون اولانبيون ڪنيون،
ٽِپي ٽيشن جهنگلو، ڪڙڪي پيا ڪُونڊر،
جهُلون ڪيون جيل تي لوڪاٽي لشڪر،
دودون ٿوڙيا دَر، ڪيهر نڪتا ڪوٽ مان.

1. 9. 1983ع

ريٽي رت رزاق جي رڳيو سارو ٽر،
نڪري بيٺو ننگرين، نوشهرو ٿي نر،
هالا هوڪاريو هٽي، راڻيپور رهبر،
مورو، سڪرنڊ، مُهڙ ۾، ڀهرارين ۾ ڀر،
ڳهاٽ، ڳهٽي، دَر دَر، جوت ٻري پئي جاڳ جي.

3. 9. 1983ع

ٻاگهيون، ٻختيون، ماريون، موري جون مايون،
ملي مچي ”مڙس ٿيون“ دايون ۽ ٻايون،
ويڙها، ويڙهن سان مليا وڏ ـــ وڏان وايون،
جيجل جاڳايون، ”اُٿو، آجي اوج لئي!“

شينهن سان ڳڏ شينهڻيون، ڳهر ڳهر ڳجڪارون،
واهڻ واهڻ هوڪرون، لوءِ لوءِ للڪارون،
هڪ جوءِ ٻيو جُوءِ لئي ڪونڊر ڪن ڪارون،
تبرون، تلوارون، ڳولا، گيسون سوپ لئي.

ॐ

ٻارهين سيپٽمبر ٻَري، خيرپور ناٿن شاهہ،
پَٽيءَ اُڦٽ ست ٽَيا، ڦٽيا پنج، پنجاهہ،
گوليون، ڏڪ گواهہ، وڙهندي شير شهيد ٿيا.

ॐ

خيرپور ناٿن شاهہ، گهيري جنگ جدال،
پوري پاڪستان ۾ ملٽو ناهہ مثال،
لهوءَ ڳاڙها لال، مڇن منجهہ نچڻ لڳا.

ॐ

خيرپور ناٿن شاهہ تي چُٽا ”ٻَسٽ“ ٻهير،
زبري اهڙي ظلم جا ناهن ڪٿ نظير،
سنگينون سامراج جون، سامهون سنڌ ـ سرير،
اچا مُرڪن، موج ڪن، مهر، سيد، مير،
کهڙو ڪنڌ ڪٽي هلن، پڳون ٻڌي پير،
پياريئي ٽج غدار کي ڪاريئي امڙ ڪير،
مارو منجهہ ملير آمِر قاهر سامهان.

ॐ

لِلڪاريو لاڪاٽ، تاتاري يلغار ڪي،
جُڳَن ڪان ٻڙڪي، رَجهي، ڦُريَن ڪاڏا ڦاٽ،
ڏوڏاٽ ۽ دونهاٽ، گهرن ڪي گهيري ويا.

تباهه طيب ٿهيم، ڪارن انگريزن ڪيو،
گولا، هيليڪاپٽر، توبون، بم غنيم،
سڙي سڄي سيم، نيرو بين وڄي پئي.

29 . 9 .1983ع

قاضي احمد ۾ پڙهن ڪلمي گو قرآن،
سامراجي چاڙتن ماريا مسلمان،
سهڻي سنڌ سڙي جئين بيروت ۽ لُبنان،
امن لاءِ اُٿي پيا انقلابي انسان،
شُشڪاري شيطان، ڪارا ڪُتا موڪليا.

ڪائن ديس ـــ پگهار، مارن ديس ـ دلير ٿا،
ماڻهن ڪي سمجهي مِرون، ڪيڏن شَر شڪار،
مسلم نامَ، مڪارَ، سِينا سِڪا، گوَرڪا.

جلوس ۽ هالا، لازم ۽ ملزوم ٿيا،
آگريون اولانبيون، بازو ها پالا،
جوڌا جيالا، قومي جنگ ڪندا رهيا.

پڙڪيو تَرُ بدين، سڙيو ساٿ سِتم جو،
پالو اهڙي پاپ سان دوکو جنهَنجو دين،
لرزي اُپ، زمين، مچري لاڙ اُٿي پوي!

# ٿوڙي ڦاٽڪ

هيڏان سوڍا سنڌ جا، هوڏان ڦهر ڪٽڪ،
* ڦٽڪي پيو ڦاٽڪ ڦوهارا رت جا ڏسي.

ॐ

هيڏان اسٽوڊنٽ ۽ فوجون هوڏانهون،
شاگردن تي ڪاهه ڄڻ سرحد تي ڪاهون،
بارودي باهون، گلابن جي باغ ۾.

ॐ

هيڏان گل گلاب جا، هوڏان سنگينون،
امن جون بينون، جنگي بگل پڄي ويا.

ॐ

هيڏان پينون، نوٽبوڪ، هوڏان خودڪار هٿيار،
سنڌين گهري آزادي يا ڪوس گهريو سرڪار!
ٻيرن جا ڦٽڪار، ويرين جون واڇون ٽڙيون.

ॐ

ڪوڪي پيو ڪهسار ۽ ٻڙڪي پيو مهراڻ،
ٽلٽي ڪان ٿوڙي ڏسي رڳي رتو ڇاڻ،
ڦاٽڪ تي مانڊاڻ، منجهد ٿاڪ مڇي ويو.

ॐ

* (17 آڪٽوبر 1984ع ) ٿوڙي ڦاٽڪ ضلع دادو وٽ، شاگردن جي بسن تي فوجي حملو

ॐ

رستو ڳاڙهو رت، ڪارو دونهون اُپ ۾،
روئي پيو پربت، پاهڻ ڳوڙها پٽ تي.

ॐ

منجهند جو محشر، ٽوڙي ڦاٽڪ تي متو،
ڏسندو ۽ ٻڌندو رهيو، ڏيهن جو ڏاتر،
ٻريو سڄو ٽر، ٽريو ٽوهيو ٻاهريون.

ॐ

گونگا ڳوڙها پئي اڙها، گونگيون اوچنگارون،
ڏنر ڏونگر ـــ ڏيل ۾ ڏڪارون ڏارون،
اڄوڪيون هارون سيان ايندين سوڀ تي.

ॐ

ڏڄي ڪين ڏُکيا، سنئون گوليون سامهون،
جهُريا، ڪين جهُڪيا، سنڌو تنهنجا سورما!

ॐ

آزادي ـ ويڙهاند جو آهي آند نہ پاند،
ڪندي قوم پلاند قطري قطري رت جو.

ॐ

ٿلٽي ۽ ڪرڙي مِڙيا، ٺوڙي ڦاٽڪ تي،
هوڏان ناحق تي لَڙيا، هيڏاهونِ حق تي،
نعرا ڏَڪ ڏَڪ تي ”ڏاريا، ٽيندينَ ڏوڙ تون“!

او ٺوڙي ڦاٽڪ ڏٺئي سوڍا سنڌ جا!
لڙيا تنهنجي لنگهه وٽ، ٻٻُن سان ٻالڪ،
پِيتي انهن پَڪ سَگهي ٿَج سنڌوءَ جي.

ٺوڙي ڦاٽڪ وٽ، ڏاريا ديسي دوبدو،
بزدل بڪتر بند ۾، پرڏر پڌري پَٽ،
مئا گهوٽ، اُڦٽ، ٻاڙها ٻوٽ ڪري ويا.

ٽڙڪا ٽيا ٺوڙي، بندوقن پُرڙي چڏي،
ههڙو هاجوڙي، للهنگ گولين اُل ۾!

امن ايرادا، آ مهان سامهان انڌ جي،
سهڻا شهزادا، يُڳا باهه بندوق جي.

# شهيد جي ماءُ تي چوي

شهيدَ جا پِيءَ، توکي پُٽَ ـــ مبارڪون!
هاڻي جئيندو هِيءَ، مرندو ڪين، مري، اُٿيو.

# شهيد جو پيءُ ٿو چوي:

شهيدَ جي ماءُ، تنهنجي ٿَج مَلهي هلي،
ڳُوها تنهنجي ڪِير جا، دليري ـــ درياءَ،
ڳوڙي ڪاڏا ڳهاءَ، سِڌا سيني سامهان.

# احمد خان برهماڻي ڳوٺ تي فوجي حملو

23 . 8 . 1982ع
هوڪاري لائوڊ هي اوڪاريو اعلان:
نڪلو، آئو سامني، بوڙهي بچي جوان،
مانگو امن، امان، ورنہ جهلسو آگ مين.

ॐ

پونءِ مٿان پاميات، جڻ ڪنهن دشمن ديس تي،
گهيري ويا گهر گهاٽ ڪي، دارون، ڏپ دونهاٽ،
روج رڙيون، رانياٽ، ڪيهون، دانهون، ڪوڪون.

ॐ

* بلاول جي پونءِ تي باهيون، بم گولا،
ماروئڙن جي موت تي ٿهڪن پيا ٽولا،
مذهب ۾ مولا، مُلان سوڏو ماٺ ۾.

ॐ

◈ بچايائون باهه، جلايائون جَتَ،
وسهن ۾ وٽڪار مان پڙڪي پيا آڙاهه،
هيڏان سهڪن ساهه، هوڏان ڪڙڪن گوليون.

ॐ

اَسر ويلي اوپرن، سي ڪڙيو سخت ڪڙو،
گوليون مينهن ڳڙو، ڳاهي ڳوٺ سجو ڇڏيو

ॐ

---

* احمد خان برهماڻي ڳوٺ مخدوم بلاول ڳوٺ پرسان آهي.
◈ اهو ڳوٺ برهماڻي جتن جو ڳوٺ به سڏبو آهي

## وايون

سورهيه سرواڻن،
دودن دلوارن، جهڙيو آجي جُوءِ لئي.

جهيڙو جوٽيو دوبدو،
دادن، بيدادن جهڙيو آجي جُوءِ لئي.

دهشتگردي دڳ تي،
وڻ وڻ واڪا ڪن، جهڙيو آجي جُوءِ لئي.

ڪوٺن ڪي سڏڪي ڏنيون،
دانهون دروازن، جهڙيو آجي جُوءِ لئي.

سِرڻين، ڳِجهن ڳُج ڪيا،
ڪَاج ڪيا ڪانگن - جهڙيو آجي جُوءِ لئي.

مَدد ماماڻن ڏني،
چندو چاچاڻن، جهڙيو آجي جُوءِ لئي.

واڏايون استاد ڏي،
آنديون آزادن، جهڙيو آجي جُوءِ لئي.

ॐ

ॐ

گهر گهر جي دل آ ڦَٽي،
شهر جو چهرو چچريو پيو آ.

سُور، سناٽو ڦوهه ڦُٽي پيو،
ڪرفيو چوڇي سانت چَٽي،
شهر جو چهرو چچريو پيو آ.

زنده باد اي حيدرآباد،
تنهنجي بازر باهه پَٽي.
شهر جو چهرو چچريو پيو آ.

وِچ ڪِري پَرُ، هيلهه ڳِڙو آ،

منڊ چون ٿا چاڙ مَٽي،
شهر جو چهرو چچريو پيو آ.

ايڏا سادا، رَڄ سڀاجها،
توتي چئوٽي آهي چٽي،
شهر جو چهرو چچريو پيو آ.

جيڪو مُڙيو سو سمجهه مري ويو،
جيڪو وڙهيو تنهن ڪيپ ڪٽي،
شهر جو چهرو چچريو پيو آ.

ماڻهو هو مشعال بخاري،
روڊ تي پئي آ لاٽ ڪٽي،
شهر جو چهرو چچريو پيو آ.

ॐ

ॐ

آزارن جو ڳالهيون،
آڏارن جون ڳالهيون، گهرن، دڳن، چئونڪن تي آهن.

جيپن منجهه ڪلئشنڪوفون،
هٿيارن جون ڳالهيون ــ گهرن، دڳن، چئونڪن تي آهن.

دهشت گردي، غندا گردي،
ڌوڙارن جون ڳالهيون، گهرن، دڳن، چئونڪن تي آهن.

اسمگلنگ جي ڊرگ مافيا جي،
ريڊارن جون ڳالهيون، گهرن، دڳن، چئونڪن تي آهن.

سَت ست ماڙ فلئٽن، بنگلن،
پرمارن جون ڳالهيون، گهرن، دڳن، چئونڪن تي آهن.

گهر وارن تي گهيرا تي ويا،
آوارن جون ڳالهيون، گهرن، دڳن، چئونڪن تي آهن.

ڪمپيوٽر ايج آهه پٽن ۾،
ڊر ــ ڊارن جون ڳالهيون، گهرن، دڳن، چئونڪن تي آهن.

ڪلڪون ڪڪريون، ڪاغذ واري،
وسڪارن جون ڳالهيون، گهرن، ڏڳن، چئونڪن تي آهن.
فن پارائي هوندا آهن،
فنڪارن جون ڳالهيون، گهرن، ڏڳن، چئونڪن تي آهن.

جوڏن، درياخانن، دودن،
دلوارن جون ڳالهيون، گهرن، ڏڳن، چئونڪن تي آهن.

پورب، پڇم تائين پنهنجي،
ويجهارن جون ڳالهيون، گهرن، ڏڳن، چئونڪن تي آهن.

سُٽڙ لڳو سنسار بُخاري،
سنڌ وارن جون ڳالهيون، گهرن، ڏڳن، چئونڪن تي آهن.

ॐ

ॐ

گهوڙا ڙي گهوڙا ويا، هاٿي ٿي واڪا ويا،
”جيپون ڙي جيپون.“

ميريون موگيون توپيون، ڪاريون بندوقون،
”جيپون ڙي جيپون.“

ساريون راتيون روڊ تي، اوٺيون ۽ موٽيون،
”جيپون ڙي جيپون.“

پَڪن تان گهُرڪو ڪري، ڪچن تي ڪٽڪيون،
”جيپون ڙي جيپون.“

آزادي پئي ٿي ڪري، روحن ۾ روُن زون،
”جيپون ڙي جيپون.“

دڳن تي استاد آ، بارودي بَدبُون،
”جيپون ڙي جيپون.“

ॐ

چو ها چاپا مار،
* چيتا، واگهہ، هتار، اُڏري ڪڙڪيا انڌ تي.

❒ ڪُلهي ڪنڌيلو، رائفل،
ٻڌل چيلهہ ترار، اُڏري ڪڙڪيا انڌ تي.

وڃون گوريلا ڏڪن،
ٻيلا، ڪارونيار، اُڏري ڪڙڪيا انڌ تي.

ڏوڏاڻن ۾ ڏوڏ جا،
ڪنبن ڏڙ ڪپار، اُڏري ڪڙڪيا انڌ تي.

جمهوري لشڪر اڳيان،
پرزا نادر، زار، اُڏري ڪڙڪيا انڌ تي.

اسرافيل استاد آ،
عوامي للڪار، اُڏري ڪڙڪيا انڌ تي.

* هاتار : ٻگهڙ،
❒ ڪارتوسن جي ڪنڌي ڳنو

ॐ

ٻيلا، گهاٽي ٻاٽ اوءِ
گوريلا گهر ـ گهاٽ اوءِ

هِتي، هُتي،
جتي ڪٿي،
گُتيون جيپون گپ ۾،
ٻوها ٽڙڪن ٻپ ۾.

ڦيريون ڪائن اوپرا، ڦيٽن جا ڦرڙاٽ اوءِ
هِتي هُتي، جتي، ڪٿي . . .

ٻيڙيون، چوليون، هوڪرون، گولين جا گهوگهاٽ اوءِ
هِتي هُتي، جتي، ڪٿي . . .

ڪچيءَ ڪان ڪرچاٽ ڏي، ٽوڙيءَ ڪان لاڪاٽ اوءِ
هِتي هُتي، جتي، ڪٿي . . .

سامُونڊي طوفان ٽِئي، مٿان سمجهين ماٺ او.
هِتي هُتي، جتي، ڪٿي . . .

لنگهن ٿا هُن لڪ ڪان، ڪاري رات ڪنواٽ اوءِ
هِتي هُتي، جتي، ڪٿي . . .

عقل، عشق مِلي ڪندا، وَڃن وچان واٽ اوءِ
هِتي هُتي، جتي، ڪٿي . . .

آئيندي استاد چئي، لوءِ لوءِ هوندي لاٽ اوءِ
هِتي هُتي،

جٽي، ڪٽي.
جيپون گتيون گپ ۾،
ڊوها ٽڙڪن ڊپ ۾

لوھو لوھو تي لڙيا، ٻيرو ٻاڙھا ڙي،
لوھو لوھو تي لڙيا.

دھشت گردي ديس کي ڏنيي ڏھاڙي،
لوھو لوھو تي لڙيا.

قتل ڪيوتن قرب کي، سونھن اتن ساڙي،
لوھو لوھو تي لڙيا.

سنڌو تنھنجي سينڌ آ، آمر اجاڙي،
لوھو لوھو تي لڙيا.

نازڪ ڇاتي امن جي، ڇِتن ڇيچاڙي،
لوھو لوھو تي لڙيا.

اندر ڪافر، قھر جو، مومن مُھاڙي،
لوھو لوھو تي لڙيا.

پکن مان پِتڪا اُتيا، ڌرتي ڌونڌاڙي،
لوھو لوھو تي لڙيا.

پاپي تنھنجي پاپ جي، پھتي پوياڙي،
لوھو لوھو تي لڙيا.

آمر تنھنجي اک ۾، استاد اماڙي،
لوھو لوھو تي لڙيا.

# هائيجيڪنگ

* هائيجيڪر هائُو، دهشت گردي ويا ڪري،
سلهاڙي سوڙها ڪيئون ست ويهون ماڻهو،
جج سڄي جاٽو، قبضي منجهه ڪري ويا.

ॐ

آڪايو اڳواڻ، ٽيپو عالمگير هي،
دهشت واري دَور ڪان گهربا ناهن دان،
بدلو، بدلي تي وٺان فرق نہ هن فرمان،
انسان ئي انسان، هُتي، هِت هراس ۾.

ॐ

باقي هائيجيڪر، ناصر، ارشد بٽ،
ڪاوڙ، ڪست، قهر جي ٽنهي کي ٽيڪر،
جڙن ها جيڪر، هجن ها ڪنهن هيج سان.

ॐ

❒ پورا چار ــ پنجاهہ، ديسي پرديسي ٿيا،
ڪاٽي ڪان ڪاٽي رسن، اڳتي چا اڳاهہ،
شاهہ محمد شاهہ ۽ قادر، حيدر شاهہ،
الا، هي آڙاهہ، ينيوران يڙڪي نڱيا!

ॐ

❖ڏس مس فرزانا، موڪي، ميخاني سندي،
چَهرو چند انين جو، ماٺ غزل، گانا،
سيني ۾ جذبات جا اڻ ڪٿ خزانا،
اڪڙيون افسانا، پوري پاءَ ــ صديءَ جا.

ॐ

---

* پاڪستان ۾ ضياءَ دور هائيجيڪنگ جو واقعو.
❒ چوونجاهہ، ❖ جهاز جي ائير هوسٽيس

ڪھڙو آهي گھناونون بي بي بيءَ جو رول،
مارا، محافظ چوي، گفتو ڪري گول،
خبرن لاتس خول، پردي ۾ ننگي لڳي.

* ٽيلي ۽ اين هور، بي بي سيءَ جا خابرو،
ڏٺائون هن ديس جا دونهان ـــ دونهان دور،
چون ٿا، چيڪن وتي، ڪن ڪافي ڪس ڪور،
ڦبيل، ڦريل لفظ ڪي تورن ساڳي تور،
جهڙا ڀاڳيا ڀونءِ جا تهڙا ڀانئن چور،
پو بہ انهن جي پورَ، ڇِٽيا ڇِٽَ گھٽا سُنا.

---

* مارڪ ٽيلي: بي بي سي ورلڊ سروس جو ان وقت ڀارت ۾ نمائندو.
اي ـ اين هور : بي بي سي ورلڊ سروس جو ان وقت پاڪستان ۾ نمائندو

# ناٽي ڪارڻ ٻارڻ

* پناهگير، پناڻ، پهتا پرديسي هتي،
بنايائون پونءِ تي بنگلا، باڙا ياڻ،
ناٽي ڪارڻ ٻاڻ، تڪيو هڪ ٻئي کي هٽن.

ॐ

مهاجر، افغان، سنڌ متي سٽجي ويا،
وچڙي ويا نسوار سان، فوٽ پاٽن تي پان،
نس نس ۾ ناٽو ڦري، مُنهن ۾ مسلمان،
ملڪيت، مان، مڪان، لوپي اٽڪائي وڏا.

ॐ

بانگن ڪئي بچ، مسيتون ٿيون مورچا،
تسبيحون هٿ ۾ هيون، ڪاتيون ڪنيون ڪڇ،
او چو ايڏي اچ، دادا گيري دين ۾!

ॐ

* ڊسمبر 1986ع ۾ پٺاڻن ۽ مهاجرن جو ڪراچي ۾ جهيڙو

# راهو منهنجا يار ◆◆◆◆◆◆◆

* هنيون پايان هار، فاضل تنهنجي فڪر کي،
هارين سان همدرديون زيرڪ زميندار،
راهو منهنجا يار، ساٿي، ساري سنڌ جا!

ॐ

فوت نہ ٿئين فاضل، مات ڏئي وئين موت کي،
راهو، هارين رهنما، مزدورن منزل،
ڪوڙن جا قاتل، ساٿي سرتا سچ جا.

ॐ

فوت نہ ٿيو فاضل، مات ڏئي ويو موت کي،
سپوتن جي سٽ ۾ شهيدن شامل،
دلين ۾ داخل، اندر ۾ اڪري چڪو.

ॐ

آ، تون هِن سان مِل نوان نسل سنڌ جا!
هي ٿئي هاري رَهنما فرزانو فاضل،
ڦهري اڪ ۾ ڪِل، ڪجل ڪاني قرب ۾.

ॐ

فاضل فرزانو، ديوانو هن ديس جو،
مُڙيو ڪونہ مچن مان پڪو پروانو،
يڪو يارانو، ملهندو موڪيندو ويو.

ॐ

# ڪراچيءَ ۾ قيام

* ڪراچيءَ ۾ قيام، دوزخ ــ دود صدر ۾،
جيوَن نغمن مان ڦُٽا، ڦوهه ڪري ماتام،
سُرَهي، روشن شام گندي اونڌه ۾ ٻُڏي.

ڪڙڪيو ڪيڏو اوچتو، ظالم زلزلو،
اوڳاڇي ويو آڳ هي دهشت گرد دَلو،
ڪٽڇي منجهه پلو، بوري بازر باهه ۾.

بوري بازر بم، زالين، مُڙسين زلزلو،
ڏڪاءُ، دونهون، ڇيبون، دانهون گهُٽجي دم،
ماڻهن ۾ ماتم، فلئٽن ۾ تر تلو.

اڇلايائون آڳ، لوساٽيون لوڪ کي،
جتي جرڪي زندگي اُتي اُڏري ڊاڳ،
توتي منهنجا ماڳ، ڏارين ڪان ڏاڙا لڳا.

* 14 جولاءِ 87ع ۾ ڪراچي شهر جي ايمپريس مارڪيٽ، جوهري بازار ۾ بم ڦاٽا، عام خبر ۾ 70 ماڻهو مئا ۽ 130 زخمي ٿيا، تي ڏينهن سوڳ ڪيو ويو.

ॐ

رستا، رتو ڇاڻ، لاشا ڪاٺيون جهنگ ۾،
عضوا، عضون ڪان جدا، سَهنجي ناھ سڃاڻ،
ماڻهو ۽ مانڌاڻ، ڪوڪارون پولار ۾.

ॐ

ٽُڪر ٽڪرا ماس، ڪنڊر ـ ڪنڊر بلڊنگون،
رئندي ڌرتيءَ ڏي ڏنو، ٿهڪندي آڪاس،
ويچار ۽ وشواش، سياڻو سوچڻ لڳا.

ॐ

انڌا سڀ انگاس، ٻوڙا جهنڊا جوءِ جا،
ڊوڙي خوف، هراس ۾ ”ايڏي سروس“ آس،
شمع ڪي شاباس، انڌاري ۾ سوجهرو.

ॐ

تر ۾ ناهي تاب، سهي گهريون سازشون،
اُتو اُٿيو ساٿيو، سچو انقلاب،
تباهين جو باب، بلڪل هاڻي بند ٿئي!

ॐ

باهين جو طوفان، ماڻهو، ماڻهوءَ کي ٻچي،
جلايو جانيون چڏن، ساڙايو سامان،
الاڙي انسان، ايڏو انڌو ڇو ٿيو!

ॐ

## * ڪراچيءَ ۾ سنڌين جو قتلام

وحشين جا ٽولا، ڏوڙيا جهنگل شهر ۾،
سِنڌي ڇهري، ڇال جا، چنگيزي ڳولا،
بَسٽ، ڇُريون،گولا، لاشا ڍير لڳي ويا.

ڳترا ڳترا ڳل، چچريل چچريل چپ،
ڇنيون ڪٽيون ڇاتيون، ٻُنڌڻ ٻَهل ٻهل،
سَيِرائيءَ سان سَل، اکين، ڪنن، هانءَ ۾ !

ضلعي ضلعي ڪي مليا پنهنجا جنازا،
رِيهن، رڙين جا ڪليا ڌهه ڌِهه دروازا،
مَحافظ تازا، ماڻهن چِونڊ مُڪا هڻا.

پاڙن جا پاڙا، سنڌين جا ساڙڻ لڳا،
انڌيون گوليون، بي لڄيون ڪاتيون، ڪهاڙا،
اُرهه ڪاٽيل عورتون، لاشا اگهاڙا،
ڏرتيءَ تي ڏاڙا، ههڙا ويل ويهي ويا!

ڪلمي گو پائر ڪُهي، لاشن ڪي ساڙيئون،
سِڪن وارو وير جڻ پنهنجن ڪان پاڙيئون،
مذهب ڇيهاڙيئون، ڇيريئون ڦاڙيئون ماڻهپو.

* ڇهرين آڪٽوبر 1988ع ڪراچيءَ شهر ۾ ٻي ڏوهه سنڌين جو قتل عام ٿيو

# * شهيد آفتاب نظاماڻي

ايرندڙ اديب تون، سمجهُو صحافي،
توتي اڙهي روڏ تي قهر جي ڪاتي،
انڌي دهشت ڪان ڪُني، روشن حياتي،
سانگهڙ جا ساتي، دادوءَ کي تون ياد آن.

ۺ

نظاماڻي هِينئن، سوچيو سنڌ ڪڏهن نہ هو،
آزاديءَ جِي عيد تي، سنڌ ئي چڙهندي چيئن،
هاڻي ڪريون ڪئين، آجي جند عذاب کان.

ۺ

سانگهڙ تون مشهور، مکي ڏنئي، حرن کان،
وڙهن انڌ، انڌير سان تنهنجا مرد غيّور،
تون آ بازر سنڌ جو، بازر منجهہ انبورَ،
گونجو جهونا جهُور، اُپري نُور نوان اُتو!

ۺ

او سورهيہ سانگهڙ، تو ۾ اڪيون سنڌ جون!
❒جِجو، گامون، زينب جِي جوءِ انهيءَ ۾ جڙ،
سنڌي بهادر سيئي، سنڌي سيئي پڙ،
ڪونڌر، ڪوپا ڪُل سنڌي، هوشو، دودا هڙ،
ڌرتيءَ تي هي ڏَڙ، سورهيہ سهندئو ڪيتري!

ۺ

* آفتاب نظاماڻي (اديب، صحافي) 18 جون 1988ع تي حيدرآباد ۾ دهشتگردن هٿان شهيد ٿيو.        ❒ جيجو (جرنيل) حُرُ ـ گامون (گورنر) حُر، زينب حُرياڻي.

# ڪهڙي ”نانهن“ نواز،
# تنهنجي ”آنهن“ ڳهي وئي!

ايندا سي ويندا، ويندا سي ايندا؟
اڪين ۾ استاد جي اهڙا آئيندا،
مارُو ميڙيندا، وايو بنجي واسَ ۾.

ॐ

ايندا جيڪي عيد تي، واڪا ڏئي ويندا،
انهن جا ماحول کي ماتم ماريندا،
ڪهڙي وات قريب ويا ڏس تہ ڪو ڏيندا،
اڳي پو ٿيندا ميڙا تن سان ماڳ ۾.

ॐ

رنا جيڪي رات تي، پره سي پرتا،
انهن لئہ استاد جا آرنيا ارتا،
صبح سان سرتا، پهتا ڪٽي سوجهرو.

ॐ

* سو ننڍڙي سسئي، لهرن منجھ لڙهي وئي،
پهتي وجي پَرت وٽ مِٽن لاءِ مئي،
هِتي هينئن هئي، ڪٿي هوندي ڪيٿري!

ॐ

* سسئي مرحوم شاهنواز پٽي جي ڌيءَ جو نالو: سسئي لاڙڪاڻو لفظ چئي ويندي هئي.

ॐ

اوهان سيئي سسيون، اسان سپ آري،
ٻانيڻ ڏوٻي، ڏير ها سانگا سنساري،
زاري ڙي زاري، بابا هِن پنيور ۾!

ॐ

سُورَ، ڏيو سسئي، موٽائي مونکي وري!
هاڙهي منجهه "هئي"، ڪيڏي ڏنجهه ڪري ويا!

ॐ

سسئي لُڙهي سير ۾، لَهر لهر لوڏي،
پِتڪڙي پينگهي اندر ڪُڏڻ جي ڪوڏِي،
حَياتي هوڏِي، چولين سان چلندي وڃي.

ॐ

سسئي گهَڙي سِير، ٿي لهرن حوالي،
چوليون ڪَيَئين چَمڪٽا، جر اندر جالي،
پرٿياڻي پالي، آرياڻيءَ کي آڇ ڪئي.

ॐ

نغمو ناهه نواز، پنڊو سڪٺو پٽ تي،
هزارين آواز، گهُٽيا هِن گهڙيءَ ۾.

اٿل آهي اجل، سبب ساڻ ڪنيون اچي،
پَتو ناهي پَل، ڪهڙو ڪِٿ وڃي وڃهي.

* سو تو ستاويهه، ڪٿيون چيٽ ڪتيون،
عيشن جي ايوان تي پيڙائن جي پيهه،
پنتي رکي ريهه، سهرا سَاڻ ڪٽي وئين.

سو تو ستاويهه، مڙئي ماٽيون موسمون،
سرءَ سِيءَ، بهار سان، ڪافي سان ڳڏ ڪيهه،
چَمڪي ڪديئه چِيهه، باقيِ، ڪوپ قبر ۾.

کهڙي "نانهن" نواز، تنهنجي "آنهن" ڳهي وئي!
اندر جا آواز، پوريا قبر پيٽ ۾.

* مرحوم شاهنواز پٽي جي وفات وقت، سندس عمر 27 سال هئي

# راجيش جو قتل

* او ابهم راجيش، ڪيڏو ڪُڪرم تي چڪو،
ڪٿي اجل نيش، ڪٿي اڀل انگڙا.

ॐ

قهر ٿيو، ڪوڪي پئي، تنهنجي سنڌو ماءُ،
گهرا گهاوَ هئس گهڻا، تنهنجو جگري گهاءُ.

ॐ

لکيو نيڻن نيرِ سان هي جو لڇي هانءَ،
دوهو منهنجو دلَ ـ جليو، نينگر تنهنجو نانءَ!

ॐ

ڪُسن ڇو معصوم، پُڇيو، مونکان هن صدي،
ماڻهو ڇو مظلوم، ماڻهو ڇو ظالم بڻيا؟

ॐ

روڪيو، لوڪ ـ لُڇون، ويهينءَ رُئيندي منٿ ڪئي،
ماڻيو خير، خوشيون، ايڪيهينءَ مُرڪي ڇيو.

ॐ

* (مارچ) 1990ع، لاڙڪاڻي جي سٽن سالن جي معصوم راجيش کي ڌاڙيلن اغوا ڪري، (رقم نہ ملڻ ڪري) ڦاهو ڏئي قتل ڪري ڇڏيو.

ضلع دادو

# هاشم جا پاڻ ۾ ڏاڙ

هئہ هاشم جا پاڻ، ڪهڙي، ڪنهن کي دانهن ڏيان!
توکي، تنهنجن ئي ڪُنو، قاتل گولين ساڻ،
ٻڍن، ننڍن، نينگرن، منڍن ۾ ماندڻ،
ريهون رتو چاڻ، گهوڙا ـــ گهوڙا ڏاڙ تي!

ॐ

سنڌي ڏاڙيلا، وحشي، دشمن ديس جا!
ڪاسائي، ماڻهو ڪُهين جڻ چَني ۾ چيلا!
رهزن ياڳيلا، پونءِ جي پينگ ڪري چڏيئي!

ॐ

ڪهڙي حڪومت، ڪهڙا راڪا ملڪ جا!
امن اڙيو جنگ ۾ انڌ ۾ عدالت،
غنڊا گردي عيش ۾، عيدن ۾ دهشت،
ننگر ننگر نافت، شهر، شهر محشر متا.

ॐ

7 مارچ 1990 ع ڳوٺ هاشم پاڻ تي سنڌي ڏاڙيلن سنڌ جا 20 ماڻهو بندوق جي گولين سان قتل ڪري ڇڏيا.

# ڊاڪٽر ايوب مير جت شهيد

ڊاڪٽر مير جت، ملهي مرد مهان ٿئين!
سنڌي ٻيا ٻہ شهيد ٿيا، توکان اڳُ ۾ ست،
ڏوڏاري دهشت، دلبر دوست ڪُهي وڌا.

ॐ

ڍوليا ڊاڪٽر، تنهنجا قاتل مون ڏٺا!
تاتاري تاريخ ۾، مَتن ۾ گٽلر،
ڪمن ۾ ڪافر، مهاندن ۾ جنسنگهي.

ॐ

هر هر حيدرآباد، ڪيڏارا کهڙا لکان!
سڄڻ زنده باد، ۽ ڏڄڻ مرده باد،
شهري تنهنجا شاد، رهندا پر ڪنهن شرط سان.

ॐ

رتو چاڙ وهانءَ، ڪرفيو، ڪاچ شهر جو،
کهڙا کٽان نانءَ، سيئي قاتل سنڌ جا.

ॐ

* ڊاڪٽر ايوب جت تي ايل ايم سي وٽ دهشتگردن گوليون هلايون، 20، 4، 1990ع تي گذاري ويو.

ॐ

ڪپيا هٿ ٻُبا، وڍيا نڪ سماج جا،
ٺهيا هُٿ قبا، سِبيا بہ جُبا گهٽا.

ॐ

گولين جا ٽڙڪا ٿيا، بمن جا ڌڌڪا،
واڪا ۽ پٽڪا، موسيقي هن ملڪ جي.

ॐ

وڻ ٽوٽي واهڻ، ڏسن بيٺا ڏيک هي،
ماڻهو جڻ پاهڻ، ڪڇي، لڇي پئي هوا.

ॐ

ڪنهن ڪنهن ڪاڻ پٽيان، ڪنهن ڪنهن لاءِ لُڇان،
ڪهڙا ڇِٽ ڇٽيان، محرم تي ماتام جا.

ॐ

روڏن تي ريهون، چئونڪن تي چيخون ٽڪيون،
ڪلڪ جون ڪيهون، شاعر، شهر ٻڏي بہ چو؟

ॐ

ॐ

دانهون، ڪوڪون ڪنهن ٻڏيون، تر ۾ تو واريون،
گنديون ڏي ڳاريون، شايد، شهر ٻُڏي وٺي!

ॐ

اميدون، ارمان، جيئرا هجن جُوءِ سان،
نِڪري هن طوفان مان سنڌي ماڻُن مان،
سَنڌ لڳي سرطان، الا ائين نہ هوءِ شل!

ॐ

هٿن هجي هاڃ، سوچن ۾ سعيا هجن،
اسان وٽ علاج، شفا قدرت هٿ ۾.

ॐ

ووڙي ڏٺو ڏيهہ ۾ ووٽر ها لوپي،
اڳيان آيا عام جي ليڊر سي نوڳي،
لوپي ۽ نوڳي، جيجل جُوءِ چٽي، مُنِي.

ॐ

ॐ

وايون

ڏاڙي تي ڏاڙا، مُنهنجي منڙي ماڳ تي،
گهوڙا ڙي گهوڙا

لاشا تڙپن رت ۾، لِڱ، لَتا ڳاڙها،
گهوڙا ڙي گهوڙا

لوڪو، ڪاڏي ويا لڏي، پاڙن جا پاڙا،
گهوڙا ڙي گهوڙا

آڏو اڏا اند جا، بازر تي باڙا،
گهوڙا ڙي گهوڙا

ڪڏهن پارا ڦهر جا، ڪڏهن ڪَهه ڪاڙها،
گهوڙا ڙي گهوڙا

* لانڍيءَ تي ڪاهي ڪنئون مينهنِ جا واڙا،
گهوڙا ڙي گهوڙا

اتو، ڳڏ استاد سان، راڄ ٽيو راڙا،
گهوڙا ڙي گهوڙا

* لانڍيءَ : ڪراچي لڳ بستي

☸

آجو اوج عوامُ،
توکي سُرخ سلامُ، ڪونڌر قوم سڄيءَ جو،
توکي سُرخ سلام . . . . . . . . . . .

تنهنجي مرقد تي جهُڪن، صبح، منجهند، شام،
توکي سُرخ سلام . . . . . . . . . . .

سَمو سوڀُن کي ڏئي، تنهنجو نانءُ انعام،
توکي سُرخ سلام . . . . . . . . . . .

سنڌي گولين سامهون، ٿيندو ناهه غلام،
توکي سُرخ سلام . . . . . . . . . . .

تو لئه موت حلال هو، موٽڻ عين حرام،
توکي سُرخ سلام . . . . . . . . . . .

وطن دوست استاد جو، ڪندو هيءَ ڪلام،
توکي سُرخ سلام . . . . . . . . . . .
ڪونڌر، قوم سڄيءَ جو.

☸

# والده جي وفات تي

* سرجي جو سُجهندو، ڏيندو ڏيئا ڏيهه کي،
اهو پڻ اجهندو، گهڙندو اوندهه گهگهه ۾.

ॐ

سَهڪيو سرجهڻار، ڳهرڪيو ڪاري گهگهه ۾،
شمع جان شهڪار، پيراندي پڄري پيو.

ॐ

شعاع، شاهڪار، جن جي بُت ــ بتيءَ جا،
سي پڻ سرجهڻار، اوتون، جوتون ڏئي هليا.

ॐ

ڏسيو پُٽ ڏُسڪن، سامي، ماءُ ڳهيو وڃي،
ڍڪيو ڍورن جان بچا، ڍنڍن جان ڍُنڍڪن،
جانِ، جگر جهنجهڪن، هئہ هئہ هانءَ هڄيا وڃن!

ॐ

اُجهيا شمع ــ شعاع، موتي ميڻ ميّت تي،
روڙي روح رڳن مان ور وو وهہُ وداع،
مونکي منهنجي ماءُ، ڪيئہ ڇورِو ڇنڙو!

ॐ

ڇني ڪيئہ ڇورڙو، مونکي منهنجي ماءُ،
ٻوڪٽ ڪُٽئي ٻار جان، ڳهٽين ۾ ڳوڳاءُ،
واڪا ڦڪيا واءُ، ڳوڙها اُس ڇهي وئي!

---

* والده جي وفات تي ڪجهه بيت.
والده جي ياد ۾ نظم ڪتاب "زندگي زندگي " ۾ آهي.

# ساٿ ـــــ ساروڻي

* عذر خواهي مان، پُورن ــ پٽرن تي ڪريان،
❐ نشتر، راز، وقار ۽ وفا، آٿم سان،
ادا اسان ڪان، پيارا، پاپ ڪسي ويا.

ॐ

زورراور ظالم، ڪونٽر ڪهرائي وڏا،
آءُ وفا، آٿم، ماُرن لئہ ماتم ڪريون!

ॐ

❖ رند رزاقڻ سومرو، ميمڻ عبدالحق،
هڪ موري جو هانءُ ۽ ٻيو موري جو نڪ،
لوڪ لهي ٿو لک، ڪو ڪو مڙس ڪروڙ جو.

ॐ

ڪو ڪو قرب ڪروڙ جو، ڪو ڪو عشق اَمُل،
ڪو گُل، گلدستو تہ ڪو گلشن هڪڙو گُل،
ڪنهنجو ڪُل ذرو ــ ذرو ڪِنهنجو ايڪو ڪُل،
تَنهنجو ڪهڙو تُلّ، جنهنجو سڀ سِنڌو ڏُٺيو.

ॐ

* خيرپور ناٿن شاهہ واري قتلام تي عذر خواهي
❐ پنجئي ناٿن شاهي شاعر
❖ شهيد عبدالرزاق سومرو (مورو) مرحوم عبدالحق ميمڻ موري جو مقبول سماجي ڪارڪن

ॐ

سّيد هجي سومرو، مگسي يا ميمڻ،
ڀلاين جي ميڙ ۾، ڀلن جي ڀُڻ ڀُڻ،
ڳرن نتا ڳڻ، ڳاڙها ماس ڳريو وڃن.

ॐ

* عباسي الطاف، موتيا، ساهت ـ باغ جا،
جهڙو سادو صاف تون اهڙا شعر شفاف،
ڪندا اعتراف، سدا گيت سُڳنڌ جا.

ॐ

❖ هميشهہ حامي، شعاع تنهنجي شعر جا،
خاصن ۾ هئين خاص تون، عامن ۾ عامي،
شاهہ، سچل، سامي، تُنهنجي پُٺ نپين پيا.

ॐ

◈ خِطي جا خادم سنڌي سچا سورما،
ڪَڏهين گَجندڙ شير تون، مُور نہ ڪئي مِرِ چمر،
دليري دائم، باغي تنهنجي ڳائبي.

ॐ

* مرحوم الطاف عباسي، ❖ مرحوم ڊاڪٽر عطا محمد حامي،
◈ مرحوم پروفيسر خادم سنڌي.

ॐ

* جنهنجو نانءُ نسيم، تنهنجو ڀاڳ بهار ٿيو،
سنگت ساڻ سَندو نہ ڪو، ادب منجهہ عظيم،
تنقيدون تعظيم، ڏينديون ان جي ذات کي.

ॐ

❖ ”اڪڙيون مينگهہ ملهار“، ديدون، ”بوندون بس نہ ڪن“،
شاهنشاهہ نہ شاهہ تون، گيتن جو ڏاتار،
ڪيتن جي هٻڪار تون، پنئرن جي گونجار،
بردا، منهنجا يار، ٻُڌڪي ڪوڪ ڪري وئين!

ॐ

◈ ٻلڙ زور ڀَٽي، بيشڪ رِند رشيد تونَ!
ڀَٽِي پاڙ نہ پاپ جي پَر تو روز ڀٽي،
ڪٽي ٻات نہ قهر جي، پر تو لاٽ، ڪٽي،
لٽي لاڦ نہ ڪُوڙ جي، پر تو سچ، لٽي،
محبت تو نہ مٽي، ساڪي، ساٿي سنڌ جا.

ॐ

◈قائل، مان قائل، آهيان تنهنجي قرب جو!
ڪُڙم سوڙو تون ڪوي، شعاع ۾ شامل،
عالم ۽ عامل، اديب ۽ استاد تون.

ॐ

* مرحوم نسيم کرل، ❖ مرحوم بردو سنڌي، ◈ مرحوم رشيد ڀٽي
◈ مرحوم عبدالحئي قائل (منظر مقصود ۽ خضر جو والد گل اختر

جولاءِ 1989ع

# احمد خان آصف جي گهر ۾ ڌاڙو

* آڌي ڏاري ڳوٺ ۾ ڪهرام ٿيو،
ڪوڪرا ٿيا، قهر ٿيو، قتلام ٿيو.

◈ گهر ۾ آصف جي مچي وئي ”ڌاڙ ـــ ڌاڙ“،
واءَ ۾ وڻ ٽڻ ۾ ٿي وئي ڌاڙ ـــ ڌاڙ.

علم جي گهر ۾ گهڙي ڌاڙيل پيا،
ڄڻ ڪپي سوچن ۾ ڪَنڊا سيلهه پيا.

امن جي ويڙهي ۾ آدمخور پيا،
ڄڻ نمازين جي صفن ۾ سور پيا.

هڪ ڪويءَ جي گهر تي ڪڙڪيا ڪاٺڪُو،
شاهه ڇرڪي ويو، ڏڪيا سامي، سچو.

شاعريءَ جي سيني ۾ گولي لڳي،
ڏات ڦٿجي پئي، لڇڻ ٻولي لڳي.

انڌ، بندوقون هنيون استاد کي،
ماريو مرده باد، زنده باد کي.

* آڌي رات: رات ڏاري، مِني ڳوٺ تعلقه خيرپور ناٿن شاهه.
◈ احمد خان مصراڻي (اَديب، شاعر)

گهر لٽيندڙ، گهر ڏٽي ها دوبدو،
پيءُ، پائر، سوٽ، چاچا روبرو،

عورتون چاتيون، چتيون گوليون ڪُتيون،
سورميون حق تي وڙهيون، ناحق ڪنيون.

* ماستر ماريو ته ماريو راهبر،
❖ ڊاڪٽر اغوا ته اغوا چاره گر.

ڪلهه به ڪوڙا، ڦٽڪا سنڌي عام تي،
اڄ به دهشت، ڌاڙا سنڌي عام تي.

نيٺ فريادي ٿي ڪنهنجي در وڃون،
دور پرماريءَ جا دروازا پيچون.

سنڌ جا انگ انگ تڙپي، انقلاب،
ڪجهه نه گهرجي، هاڻ گهرجي انقلاب.

---

* آصف صاحب رٽائر پرائمري استاد هو.

❖ ڊاڪٽر اشرف (آصف جو فرزند) کي ڌاڙيل اغوا ڪرڻ آيا هئا.

# روشني مرڻي نہ آ

ॐ

رات ڪاري، ڏينهن ڪي گهيرو ڪيو،
ڪوڙ گڏجي، سچ تي حملو ڪيو،
هر زماني ۾ زمانو آ گواهہ،
ظالم آ مظلوم سان جهيڙو ڪيو.

ॐ

سچّ چا لئي ڪوڙ جي بيعت مڃي؟
حقّ چو ناحق جي حشمت مڃي؟
هڪ طرف جنّت، جهنّم ٻئي طرف،
نُور ڪئين ٿو نار جي سنگت مڃي!

ॐ

آسمانِ ڪي عرش تان ڪرندو ڏٺم،
۽ ٽُڌن سان سچّ ڪي ٽڏبو ڏٺم،
گهاءُ ڪائي گهوٽ گهوڙي تان ڪريو،
۽ لعينن جي لتن ۾ حق جو پٽڪو ڏٺم.

ॐ

لوح لرزي ويو، قلم چرڪي ويو،
قسمت ۽ فطرت جو منهن فق ٿي ويو،
هاءِ هنئين مطلوم ڪي لچندو ڏسي،
وقت ييڙي چُپ، لچي، تڙپي ويو.

ॐ

سچّ جي پڳ، سچّ جان لهڻي نہ آ،
روشني مرڻي نہ آ مرڻي نہ آ،
ڏنڌ، ڪوهيڙي ۽ جهُڙ جي سلطنت،
روشني جي راڄ تي رهڻي نہ آ.